
ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا



جيٺو لعلواڻي

اِشاعت جو ٽيهون سال

ساهت ۽ ڪلا جي
رچنا

Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Lakhmi Khilani

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي

سال : ٣ **Year-3**

آنڪ : ٩ **Vol-9**

(Jan. - March 2008)

جنوري-مارچ ٢٠٠٨

في انڪ : ٢٠ رپيا
Price Rs. 20/
Anuual Subscription Rs. 100
Life Subscription Rs. 1000


ڀارت کان ٻاهر :
٥٠ يو. ايس. ڊالر

ڀاران : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205
Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org



سلسلو



برک اَديب ۽ ودوان پدم شري موتيلال جوتواڻي

(ج: ١٢-١-١٩٣٦، ديهانت: ٢٨-١-٢٠٠٨)

۽



سماج شيوڪ شري رامڪرشن آڏواڻي

'راهي' (ج: ١٠-٧-١٩٢٤، ديهانت: ١٩-٢-٢٠٠٨)

جي ديهانت تي اسين سرڳواسين جي ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

سنڌالاجي پريوار

۾ پاڻ سان ساڪياتڪار ڪرڻ لاءِ سالن جا سال تپسيا ڪرائيتي. پر ڪلا ذريعي پورڻتا جو درشن ڪرڻ لاءِ هن هڪ جنم جي ساڌنا ڪافي ناهي. اهو محسوس ڪري ڪلاڪار ڪنهن منزل ماڳ تي پهچڻ جو موهه تياڳي، پنڌ ڪرڻ کي ئي وڏيڪ معنيٰ خيز مڃي، پنهنجي هن رچنا پرڪريا جي سفر ۾ ڌڪن ڪٽان لنگهيو آهي، انهن انيون کي ئي پاڻکن سان ونڊڻ ۾ سنتوش حاصل ڪريتو. هاڻي ڪيس پنهنجي محبوب سان ملڻ جي ڪا جلدي ڪانهي. هن زندگيءَ ۾ هن سان وصال نه ٿئي ته پاڻ بهتر. (جيڪي فراقان، سو وصالان نه ٿئي)

ڏوريان ڏوريان، م لهان، شال م ملان هوت

من اندر جا لوچ، مَچڻ ملڻ سان ماني ٿئي

رچناڪار جي اندر جي اها تخليقي لاٽ جي وسامي ويئي ته پوءِ اهو سندس جيئري ئي موت آهي. ڪرشن کٽواڻي پنهنجي پڇاڙيءَ واري ڪهاڻي 'ءُ ليڪ مري ويو' ('رچنا' وشيشانڪ) ۾ پنهنجو اهو ئي انيو اسان سان ونڊڻ تو چاهي ته سنگهرش ئي جيون آهي. دُنيوي ڪاميابي، ننڍي وڏي تسليمي يا ڪنهن حاصلات جي شکر تي پهچڻ جو احساس ڪلاڪار جي اندرين اوسر جي پڄاڻي آهي. جيمس جايس ۽ وان گو جهڙن ڪلاڪارن جيان ڪرشن به پنهنجي ڪلاڪار کي پڇاڙيءَ واري ڏينهن تائين زنده رکي، اندر جو سڪون ماڻيو. سندس ناول 'اَمر پيار'، 'ياد هڪ پيار جي'، 'ست ڏينهن'، ۽ 'ترنڊز بادل' ان حقيقت جا شاهد آهن. پنهنجي ان سنگهرش واري جيون مان پرايل آزمودا هن اسان پاڻکن سان ونڊي، اسان کي پاڻ جهڙو سهردي بڻائي، اسانجي ساڃهه سوجهيءَ ۾ اضافو آڻي، ساماڻجڻ ۾ اسان جي مدد ڪئي. ڪلاڪار اڻ گهڙئي پٿر کي گهڙي تراشي، اُن ۾ جان ڦوڪي هڪ شاهڪار ڪلاڪرتيءَ کي جنم ڏئيتو. موت ۾ اها ڪلاڪرتي ڪلاڪار کي (پاڻ کي به) گهڙي تراشي، هن جو اندر اُجاري ماڻهو بڻجڻ ۾

پهتاسين کهڙي ماڳ

پهتاسين کهڙي ماڳ، ڇا ڳچي کنديون،
ها پيهي، تہ هن سفر ۾ لنگهياسين ڪٿان ڪٿان (شيام)

آديپور ۾ ١٢ ۽ ١٣ جنوري ٢٠٠٨ تي سنڌالاجي ۽ پاران برک سنڌي ليکک سدا حيات ڪرشن کٽواڻي ۽ تي آيوجن ڪيل سيمينار ۾ سندس ناولن، ڪهاڻين، ڪوتائن، ناٽڪ ۽ شخصيت تي ڪيترن ودوانن پنهنجا مقالا پڙهيا ۽ انهن تي ڪافي چنتن منن ڪيو ويو. ڪن ودوانن کي محسوس ٿيو تہ ڪرشن کٽواڻي ۽ جو هي ۾ سٺ سالن جو ادبي سفر اڌورو رهيو. هو هڪ بہ شاهڪار ناول لکي 'گيان پيٺ آوارڊ' جهڙي اونچي مقام تي پهچي نہ سگهيو. خود ڪرشن بہ پنهنجي رچنائن مان ايترو مطمئن نہ هو. هو ان جو اعتراف ڪندي لکيٿو : 'اڄ پنيان نهارڻ سان لڳندو آتم منهنجي جيون اڪيارٿي ويئي. مون نہ ڪجهہ پاتو ۽ نہ ڪجهہ ڏنو. ائين تہ هرهڪ اِنسان جي جيون اَڌوري آهي .... منهنجي زندگي هڪ دک يري هار آهي.' ('رچنا' وشيشانڪ)

ڪرشن کٽواڻي پنهنجي ناول 'اَمر پيار' ۾ پنهنجي ان ڪيفيت جي وضاعت ڪئي آهي : 'ڪلاڪار ۽ سندس ڪلا ۾ فرق آهي. ڪلاڪار سدا اَسنتشت، اَپورڻ ۽ ڪن ڪن ۾ بدلجندڙ آهي، پر اوچ ڪلا سمپورڻ، اَپورو ۽ زواليت ڪان مٿي آهي' هو اهو بہ جوڙيٿو 'هن دنيا ۾ ڪجهہ بہ مڪمل ناهي. سڀ اَپورڻ آهي، هرڪو پورڻتا جو پياسي آهي. انساني دل بہ جنم کان پورڻتا لاءِ واجهہ وجهندي ٿي رهي.'


پورڻتا جي اها تلاش ئي ڪلاڪار کي ڇيڻي هٿوري کڻي ايلورا جا بُت تراشڻ ۽ رنگ بُرش کڻي اجنتا جا چتر چٽڻ ۽ اُنهن اُيرندڙ عڪس

پنهنجي هن ناول ۾ چويٿو ’انسان (ڪلاڪار) جا خلقيل ڪردار، خدا جي خلقيل ڪردارن کان گهڻو بهتر آهن. هو وڌيڪ گهرائيءَ سان زندگي جيئن ٿا. سندن دليون وشال آهن. سندن احساس جو دائرو پوري انسان ذات آهي.‘

هرڪو ساهتڪار پنهنجي انڀو ڪيل زندگيءَ اُن مان پرايل Vision کي پاٺڪن سان اثرائتي نموني شيئر ڪرڻ لاءِ ناول جو موضوع، پلاٽ، واقعا، ڪردار، اُنهن جي گفتگو جهڙن جدا جدا عناصرن کي پنهنجي تخلقي قوتن سان Fusion ڪري هڪ نئون ڪلاتمڪ فارم خلقيندو آهي. ايشور جيان هو به هڪ رچناڪار آهي، (پنهنجي رچنا ۾ هرهنڌ موجود هوندي به نظر نه ايندو آهي) ۽ پنهنجي ناولن ۾ هڪ نئين، علحدي، ادڀت، انوکي، ايشور کان گهڻي بهتر سرشٽيءَ جي رچنا ڪندو آهي، جيڪا زندگيءَ جي حقيقت کي وڌيڪ شدت سان اُڀاري پيش ٿي ڪري.

شرت چندر جي شريڪانت ۽ رومين رولان جي ’جين ڪرسٽوفي‘ جيان ’هيم‘ به هوبهو ڪرشن جو، يا حشو ۽ سوڀي جو عڪس ناهي. ها اهو سندس پرايل ساڃهه، سوجهي، احساس، انڀو، اپنايل ملهن ماڻن جي چيڪي مٽيءَ مان خلقيل هڪ جاندار ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي محسوس ڪيل ’سچ‘ کي پاٺڪن تائين پهچائي ڪين پاڻ سان ساڪياتڪار ڪرڻ ۾ مدد ڪريٿو.

مُبارڪون



شري واسديو نرمل کي سندس ايڪانڪي ناٽڪن جي مجموعي ’وڃون وسڻ آيون‘ (٢٠٠٥) تي مرڪزي ساهت اَڪادمي اِنعام ٢٠٠٧ عطا ٿيڻ تي.

سنڌلاجي پريوار

مدد ٿي ڪري. ’ترندڙ بادل‘ ۾ ڪرشن چيو آهي ’اهو (سنگيت) سڀ کان وڌيڪ ھڏندڙن مان آپو ڪڍي، ڪين وشو جو حصو بڻائيندو آهي.‘

هن سيمينار ۾ هڪ ودوان پنهنجي اها جاچنا پيش ڪئي ته ڪرشن جي دل وير ورون، ايرکا حسد کان آجي، پيار سان ٽمٽار هئي. هن جي صحبت ۾ ايندڙ سڀ ليڪ، پاڪ ڪيس گهڻو پائيندا هئا. هرڪو ائين وسهندو هو ته ڪرشن جو هن سان ئي سڀني کان وڌيڪ ويجهڙائپ جو ناتو آهي. ڪرشن کان اڳ، منگهارام ملڪاڻي ۽ نارايڻ شيام بابت به سڀني جو ساڳيو رايو هو. لاشڪ ڪلا هنن جي اندر مان آپو ڪڍي، ڪين سموري وشو کي پنهنجي ٻانهن ۾ سمائڻ، ۽ سڀني سان پيار ڪرڻ جي قوت عطا ڪئي هئي.

ڪرشن آئينسٽائين جو حوالو ڏيندي ’امر پيار‘ ۾ چويٿو ته ’دنيا جون سڀ شيون هڪ ٻئي تي مدار رکن ٿيون. منهنجي خيال ۾ اهو بلڪل ٺيڪ آهي. هن دنيا ۾ ڪا به شيءِ پورڻ نه آهي ۽ ان اپورٽتا جي ڪري ئي هڪ انسان ٻئي انسان کي پيار ڪريٿو ۽ پورڻ بڻجي ٿو. پلي اها پورٽتا ڪن گهڙين لاءِ هجي.‘

’ترندڙ بادل‘ تي پنهنجا ويچار پيش ڪندي هڪ مقالي ۾ چيو ويو ته ڪرشن جي هن ناول جو مکيه پاتر ’هيم‘ حشو ڪيولراماڻي ۽ سوڀي گياڻچنداڻيءَ جي شخصيتن کي ڏيان ۾ رکي خلقيو ويو آهي، جن کي ئي ليڪ پنهنجو هيءُ ناول آرپڻ ڪيو آهي. اها حقيقت اڄ اسانجي جاڻل آهي ته ڪو به جديد تخليقي فنڪار فوٽو گرافر جيان هن زندگيءَ جي هوبهو عڪاسي نه ڪندو آهي. چو ته حواسن کي نظر ايندڙ زندگيءَ جي ٻاهرين سچائي، آئيس برگ جي ڇهنب جيان محدود آهي. انسان جي مڪمل سچائي جاڻڻ لاءِ ليڪ ڪردارن جي انتر آتما ۾ جهاتي پائيندو آهي، جنهن لاءِ ڪيس پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي مان پرايل اندرين سوجهي وڏيڪ سهايڪ ٿيندي آهي. ڪرشن

ڪرِ ڪَمُ سيئي

ڪرڪم سيئي تون پنهنجا، ڪرتار جي حوالي،
نيڪي بَدِي خوشِيون غَمَ، سڀ يار جي حوالي.
سارِيءَ دنيا جي سيٺ جو، آهين گماشتو ڄڻ،
هاڃين نفعن کي ڇڏ، سڀ سيٺ جي نالي.
ڪر ڪم سيئي ......
گهر ٻار مال تي حق، تنهنجو آهي ئي ايترو،
جيئن ڪنهن راجائي باغ کي مالهي وينو سنڀالي.
ڪر ڪم سيئي ......
جيڪي ملي ٿو توکي، سو سڀ ڏئي ٿو سائين،
ڌن سونهن صحت نيڪي، آڌرُ توڙي ڌمالي.
ڪر ڪم سيئي ......
ايجنٽ ٻڻي تون آئين، ڇڏ موهه نتيجن جو،
ڪر 'پريم' ڪَمُ منهنجائي، جيئن ڪو نرسٽي سنڀالي.
ڪر ڪم سيئي .....

سندن سپتر

ڊاڪٽر دين هندو گرداساٽيءَ جو پتو
**2/B/373,
Adipur (Kutch)**

شعر/سرڳواسي ڊا. ٽيڪچند گرداساڻي

نَظرَ نازَ واري

نَظرَ نازَ واري جتي تي نهاري،
اُتي سا اُمالڪ وِجهي آگ ٻاري.
ڀرِيَلَ پاسا پِنبڙيون ڪماني ڪَٽوريون،
ڪَشِنِ ڪانَ ڪارا جُڙِنِ تيون چوڌاري.
نَظرَ ناز واري ......
چِڪِنِ دِلِ ڪَشِشِ سان اکيون آبداري،
نِمَڻَ سان نماڻي نَظرَ تي ڏُتاري.
نَظرَ ناز واري ......
ڪاريون جي ڏُناليون شيريون شيرڻيءَ جون،
ٻَئي گهِتِ نہ گهائِنِ دِلِيُنِ کي رُٺاري.
نَظرَ ناز واري ......
ماڻي مُرِڪ سان ڳَڏ لِڪِنِ تيون لڄاريون،
تِکا تيرَ ترڇي تي موڙن سان ماري.
نَظرَ ناز واري ......
'پريم' گهوُر تنهنجي غضب آ مچايو،
توڙي چاڙهي چشما ڪَجَلَ ساڻ ڪاري.
نَظرَ ناز واري ......

غزل/ اَرجن چاولا



اَجايو بحث ڪرڻ ۾ ڀلا رکيو ڇاهي!
تون ڀل اُئين ئي تہ ڪر جئن بہ تنهنجو من چاهي.

جو شخص پنهنجي رڳو هوڏ تي هلي ڄاڻي
اُنهيءَ سان سينو ويهي ڪير، ڪيئن ڀلا ساهي!

ڀلا ڪجي تہ ڪجي اعتبار ڪيئن تنهن تي،
جو پنهنجي قول تي قائم ڪڏهن رهيو ناهي!

جي گهر ۾ چوڳو ملي ها تہ هيئن نہ ڦاسي ها
پکي تہ پيٽ جي خاطر وڃي پيو ڦاهي!

سُڪي ويو آ ڪو وڻ، اُس ۾ ڇانوَ روئي ڏنو،
وجود پنهنجي جو ڇڻ ڪين آسرو ناهي!

سيئي گڏجي رتوڇاڻ ڪن پيا سورج کي
لڳي ٿو ڪنهن کي بہ ڪو خوف رات جو ناهي!

غضب جي مُرڪ آ بي جان موناليِسا جي،
ڏنو آ ڪهن کي اهو ڏانءُ نيٺ ڪنهن ڏاهي!

اهائي عظمت - اِنسان جي نشاني آ
جو پنهنجو پاڳ لکي خود ٿو، خود پيو ڊاهي!

6/198, Street No-1,
Nai Basti, Aligarh (UP)

غزل/ لڪشمڻ دُبي



نظرن ۾ بي - نشان بہ آهي محفل ۾ منهنجي يار بتو شاعري اَچو
مگر ڏسو درميان بہ آهي اِنسان بڻايان اَوهانکي آدمي اَچو

مونکي نہ سمجهہ جهڙو تهڙو تڏ ۾ اُکهاڙ!! پار لَتي جو تڪر نہ آ
منهنجي گهر ۾ مان بہ آهي قبرن مان چو نہ پارو ڪفن ئي ڪڍي اَچو

ڏوئي چڏ پل داغ خون جا ايندا نہ آهيو روز آسان وٽ خبر اَتي
مگر خون کي زبان بہ آهي هڪ پيرو خود کي ڪنش اوهان ڳڏ وني اَچو

مشڪل مندي سنڌ جي هستي جيئرن جي لاءِ ظلم ستير ۽ ڪراهنون
مان سان ڳڏ ٻُس اسان بہ آهي مٿلن جي مزارن تي وجي ڳل رکي اَچو

هڪڙي چپ تي زاہر نام آ چهرو ڏسڻ جي چاهيو اوهين هوڪبجو سنڌ،
۽ ٻئي چپ تي اذان بہ آهي ڪوتا جي دستياب اَتو آرسي، اَچو

منهنجي شعرن ۾ صدين کان پيا سپ نشا تہ هوش جي خلاف مورچا
ڪنهن ڪاوش جو بيان بہ آهي مونوت آچو ڪا هوش جي پيئو چُڪي، اَچو.

مان بس مان ئي مان ئي مان هان
چا ڪٿهہ منهنجي سان بہ آهي؟

"Kavyam" Gandhari Gali,
Kaziwada,
JUNAGADA - 362 001 (Guj)

ڪوتا/موهن همٿاڻي

جينس (Jeans)


آڪٽوبر مهني
هڪ مِٺي موسم
واري رات جو
پهريون پهر،
تو
هٿ ۾ هٿ وجهي
ٿورو بي حجاب ٿي
حجابي اکين سان
آخر پڇي ئي ورتو هو :
’مان
جينس پايان
ته ڪيئن
سٺي لڳنديس نه؟‘
تنهن تي
تنهنجي کليل
ڪٽان ڪٽان
پکجي ويل وارن ۾
آڱريون ڦيرينديءَ
مون چيو هو :
چاليهه
پورا ٿي ويا
ته
چا ٿي پيو
ڇري
هِڪ دفعو
ٽاپ
پائڻ ته
شروع ڪر
تنهنجون
سڀ
’ترسيل تمنائون‘
پوريون
ٿي وينديون.

CP/192, Maurya Enclave,
Pitam Pura,
Delhi-110088

ڪوتا/موهن همٿاڻي

٢٧ ڊسمبر جي قتل تي ....

اَڄ وري
منهنجو قتل
ٿيو آهي،
زخمن ٿا
سڀ زار-زار
پر مان
جيئندو رهيو آهيان
بار بار ؛
خبر ناهي
ڪڏهن
سمجهه ايندي
بي سمجهن کي
بندوق جي هڪ گولي
جي ماري سگهي ها
مونکي
ته مان
ماڻهوءَ جي ويس ۾
مها نائڪ بڻجي
ماڻهوءَ مٿان
هر دور ۾
حڪومت نه ڪيان ها.
مون کي
هر دور ۾
منهنجي وروڌين
نشانو بڻايو آهي
؛
هر دور ۾
مان (ويتر)
طاقتور
بڻجي اُڀريو آهيان.
ڪو
وڻ ناهيان
جو
پنهنجي پاڙن کان
ٿِلو ڪجي
مان
ٻج آهيان
ڪَٽجي به ويس
ته
جتي جتي
منهنجا قطرا ڪِرندا
مان
پيدا ٿيندو ويندس
؛
آزاد ڪرائيندس
هن ڌرتيءَ کي
هر
لوڪ وروڌي تنتر کان
ڇو جو
منهنجو نالو
لوڪ تنتر آهي.



خط/موتيلال جوتواڻي

20/6/07

پريه شري ڪلاڻي،

نمسڪار. ١١ جون ٢٠٠٧ تي احمدآباد مان دهليءَ ۾ واپس آيم، ته ڏنم بي. پي. ڪجهه وڌيل هو. اِن وچ ۾ پنهنجي Pace Maker جي چڪاس پڻ ڪرايم.

اَڃا اهو Pace Maker ٻه سال ڪن ته واهه جا هلندو. پوءِ به مون لاءِ ڏٺيءَ هن ڏرتيءَ تي داڻو پاڻي ميسر ڪيو هوندو، ته Pace Maker بدلائيندس ۽ وڌيڪ توهانکي ياد هوندو ته ڪجهه وقت اڳ پريوءَ جي پياري جشن واسواڻيءَ جن امريڪا ۾ وڃي پنهنجو Pace Maker بدلايو هو.

هي سڀ اِنڪري لکي رهيو آهيان، ته اِندو-پاڪ ڪانفرنس (٩-١٠ جون) جي رپورٽ دير سان فائيل ڪري رهيو آهيان - پنهنجي طرفان سمجهاڻيءَ طور.


شري لکمي ڪلاڻي نيازن مان توهانجو،

ايڊيٽر رچنا ميم جيم

رچنا ۾ اِشاعت لاءِ. (موتيلال جوتواڻي)

ڪرشن راهيءَ جي ياد ۾ آيوجت ڀارت-پاڪ اَدبي ڪانفرنس
٩ ۽ ١٠ جون ٢٠٠٧، احمدآباد
ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ جي ١٠ جون تي
سماپتي بئٺڪ ۾ ڪيل صدارتي تقرير

راشٽري سنڌي ٻولي وڪاس پريشد جا وائيس چيئرمن شري سريش ڪيسواڻي صاحب، احمدآباد جي سنڌو يوٿ ۾ اسانجا ميزبان دوست شري اَمر دولتاڻي صاحب.



تصويرون/لکمي کلاڻي

١.سنڌوءَ جو ڪنارو
ڪپ تي هيڙيون ٻڏل
اُڀ ۾ پکين پسارو

٢. سُتل سڄو اَروڙ
ڦيري رُخ درياهه جو
ڏي ڪو نئون موڙ

٣. آهي اُهو بد بخت
پيرن هيٺان جنهنجي
ناهي ڌرتي سخت

٤. جيون سڄو ئي رُڃ
سڪي سڪي ساڻو ٿيو
چوڌر سُڃ ئي سُڃ

٥. رڻ رڻ ۾ آ ڳونج
برپٽ مٿان اڪيلي
اُڏامي تي ڪونج

٦. بيشڪ آهہ بيابان
ڪوني پاڻي پاڻ مان
بڻاءِ اُن کي خيابان

٧. وڻ تي تنها پکي
ڪنهنجو سڏ اونائي
ڪوڪي ٿو رکي رکي

٨. اُچو ڪبوتر ڪارو ڪانءُ
ٻنهي جي جيئڻ جو
پنهنجو پنهنجو ڍانءُ

٩. شوڪيس ۾ مڇيون
پنهنجي دنيا ۾ مصروف
ڪاريون ڪي اَڇيون

١٠. اُڀ جو ڪئنواس
ڪونجن جي ولر جو چِٽُ
من کي آيو راس

١١. ڪڪر تي سوار چنڊ
لهرن تي ترندڙ راج هنس
نَڀُ آ نيرو سمنڊ

١٢. گلاب جي سُرهاڻ
ماڪ ڦُڙي جي زندگي
ماڻ جواني ماڻ

١٢. چمن تي مرڪ اُپري
سڄ جي ڀرين ڪرڻي سان
مُڪڙي دل جي ٽڙي

١٤. ڪيڏا سهڻا گل
پٽي، ڪين رتو رت نہ ڪر
من ۾ ڍار ڪهل

6, Maleer, Ward 4-A
Adipur - 370205

اَسين سڀ سنڌي ماتريءَ جا وارث آهيون، اُن سنڌو ماتريءَ جا، جنهن ۾ سڀ کان پهرين، انسان پنهنجي اک کولي هئي. اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي تہ وسيعتي سنڌ (Greater Sindh) ۾ سنڌو نديءَ جي ڪناري ويدن جي رچنا ٿي هئي. ۽ دنيا ۾ سڀ کان پراڻي گرنٿ رِگ ويد ۾ (موجوده ڪانفرنس جيان) هر ڪانفرنس ۾ ٿيندڙ بحثن بابت نيڪ اِرادو ظاهر ڪيو ويو آهي، تہ اسين سڀ قدم سان قدم ملائي هلون، ۽ اَسين سڀ ڀائيچاري ۽ خلوص وچان ڳالهہ ٻولهہ ڪريون.

جڏهن انگريزن جي 'ورهاءِ ۽ راڄ ڪر' (divide and rule) جي پاليسي اختيار ڪرڻ سان ملڪ جو ورهاڱو ٿيو، اَسانجي هن اُپکنڊ ۾ ڪيئي جنگيون جوٽيون ويئون ۽ سرڪار- سرڪار سطح تي اسانجا ويڇا وڌايا ويا، تہ ٻنهي ملڪن جي رهواسين ماڻهو - ماڻهو سطح تي متيڍن ۽ منيڍن ڪي وساريو ۽ اسين سڀ هڪ ٻئي جي ويجهو آياسين. اِن ڏِس ۾، اسانجي هيءَ ڪانفرنس هڪ مبارڪ قدم آهي. جنهن اڳ ۾ پڻ ٻڌايو ويو آهي. اڳ ۾ پڻ اَهڙيون ڪانفرنسون گذريل ڇهن سالن کان ٿينديون رهيون آهن.

سنڌ (پاڪستان) جي سنڌي اديبن ۽ راڳيندڙن جي وفد جي اڳوان قمر شهباز جو پيپر اڄ ڪالهہ سنڌ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ فارسي - اُردو لفظن جي پرمار، ۽ هند جي سنڌي ٻوليءَ ۾ سنسڪرت - هندي شبدن جي پلٽ پلٽان کان پري نِجُ ديسي سنڌي لفظن ۾ لکيل هو. هن صاحب دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل سنڌي جاتيءَ جي ڳالهہ ڪندي چيو، تہ جتي سنڌي آهن، اُتي اُتي هنن پنهنجين دلين ۾ هڪ - هڪ ننڍڙي سنڌ وسائي رکي آهي. اُن وقت مون کي سدا حيات نارائڻ شيام جو هڪ ترائيل ياد اَچي ويو. هن صاحب چيو آهي :

سنڌ کي ڪونہ جُدائي ڪو سگهي سنڌين کان،
سنڌ سنڌين ۾ وسي، سنڌ هُتي، سنڌ هِتي؛
ملڪ ٻلجي ٿو مٽي سان نہ مگر ماڻهن سان،
سنڌ کي ڪونہ جُدائي ڪو سگهي سنڌين کان.

ڀارت پاڪ اُپکنڊ جا اديب، شاعر ۽ ثقافت جي کيتر ۾ ڪم ڪندڙ
ڳائڪ، سنگيتڪار ۽ ٻيا فنڪار دوستو (پهريائين سنڌ مان - قمر شهباز،
شوڪت شورو، تاجل بيوس، رڪيل مورائي ۽ آمر سيال ۽ ٻيا) ۽ (پوءِ هند
مان - لڇمڻ ڪومل، موتي پرڪاش، واسديو موهي، ستيش روهڙا،
اَرجن حاسد، پريم پرڪاش، هيرو شيوڪاڻي، وِمي سدارنگاڻي ۽ ٻيا،
جسٽس اندرسين ايسراڻي صاحب،

بزرگو، ڀائرو ۽ ڀينرون (ڀينرن مان هڪ - شريمتي راج
جوتواڻيءَ کي ڇڏي)، جتي ڀارت - پاڪ اُپکنڊ ۾ سرڪار - سرڪار
(Goverment to Goverment) سطح تي وير -وروڌ پئدا ڪرڻ واريون
انيڪ ديسي - وديسي شڪتيون ڪم ڪري رهيون آهن، اُتي ماڻهو - ماڻهو
(people to people) سطح تي برادري ڀاءُ ۽ ڀائيچارو وڌائڻ واريون
ڪيتريون شخصيتون بہ اُڀري آيون آهن. اُنهن مان هڪ آهي شري
سريش ڪيسواڻي. اسانجي سنڌي سماج ۾ اِن اهم شخصيت گذريل
ڇهن سالن ۾ هڪ معجزو برپا ڪري ڇڏيو آهي.

هن هال ۾ ڪالهہ ۹ جون ۲۰۰۷ تي احمدآباد ۾ اَسانجي ميزبان
دوست سدا حيات ڪرشن راهيءَ جي پوتر ياد ۾ اسان سڀني کان مؤن
ورت (मौन व्रत) ڌارڻ ڪرايو.

جتي سياست ٽوڙي ٿي، اُتي سنگيت ۽ ساهتيہ جوڙي ٿو. ان وسيع
خيال جي مد نظر اسان هن ڪانفرنس ۾ شري ڪرشن راهيءَ جي فن
۽ شخصيت تي خيال جي ڏيوڻ ڪئي آهي؛ اُها اَهڙي نہ هئي، جو
اسين انڪي 'نشستن، گفتن، برخواستن' (اَسان ويٺڪ ڪئي، ڳالهايو،
ٻولهايو ۽ ويٺڪ برخواست ٿي) ۾ لئہ مِٽ ڪري سگهون. واقعي، اسان
ڀارت - پاڪ اُپکنڊ جي ڀائپيءَ ۽ ڀائيچاري ۾ واڌ آندي آهي، ڪالهہ
ڏينهن جو شري ڪرشن راهيءَ جي فن ۽ شخصيت تي پڙهيل پيپرن
معرفت، ۽ ڪالهہ شام جو ڪلچرل پروگرام ذريعي، اسان هن اُپکنڊ ۾
ساهتيہ ۽ گيت-سنگيت جا پرستار وڌايا آهن.

ايندو آهي، ڪير وٺي پوءِ سنان تي نہ وڃجي .... هاڻي مونکي ئي ڪير وٺڻو پوندو.

(در کلڻ جو آواز)

موهنداس : ڀائي توکي بہ اَجائي تکڙ آهي. ڪجھہ صبر بہ ڪبو آهي. ڏي ڪير .....

(در بند ڪرڻ جو آواز)

موهنداس : (زور سان) ننهن ڪير فرج ۾ رکيو تي ماٺ، متان هيڏانهن هوڏانهن ڳولهين. (پڙهي ٿو) ڪٽي چڏيم ..... ها چڱن ۽ خراب ڪرمن ..... اِهي ڦل اُنهن کي ملن ٿا جيڪي منهنجي شرڻ ۾ نٿا اَچن ۽ مايا ۾ موهہ اٿن .... هي اَرجن، سدائين ڪرم ڪندو رهجي، ڦل جي اِڇا نہ ڪجي ....

(سنان گهر مان زور زور سان پاڻي پرڻ جو آواز)

موهنداس : هي اَرجن .... ڪرم ڪانپوءِ اَچي ٿو گيان ..... گيان پڻ ٽن قسمن جو آهي. جيڪو سڀ ۾ ايشور ڏسي ٿو، ڪنهن کي ڏک نٿو ڏئي، سڀني سان گڏجي رهي ٿو، اُهو سانتيڪو گيان.

شالني : (زور سان) ٻڌو ٿا، اڄ ڪاڏي ۾ چا تيار ڪريان؟ لنچ باڪس تہ کڻي ويندا نہ؟ ..... اُٿو، توهانجي سنان لاءِ گرم پاڻي پري رکيو ٿي مانوَ.

موهنداس : هي اَرجن .... هي تنهنجو آهي سي منهنجو آهي، اَهڙي جنهن جي نگاهہ آهي، اُهو راجسي گيان آهي ..... ۽ .....

شالني : هاڻي اُٿو پي کڻي، ڪيتري دير کان رڙيون ڪري رهي آهيان .... هيءَ راڪيش بہ ڏسو نہ، اُٿاري اُٿاري ٿڪجي پيئي آهيان. اِسڪول جو وقت ٿي ويو اَٿس. ..... ماروتي جاڳ آئي هن کي وٺڻ ... توهين بہ اُٿو ..... راڪيش کي بہ اُٿاريو. .....

جاڻ ماڻهن جي پوي صاف سندن ٻوليءَ مان،
’شيام‘ ڳالهائجي ٿي سنڌي جِتي، سنڌ اُتي؛
سنڌ کي ڪونہ جدائي ڪو سگهي سنڌين کان،
سنڌ سنڌين ۾ وسي، سنڌ ڪٿي، سنڌ ھِتي؛

هونئن بہ قمر شهباز صاحب جو پيپر نفماٽي نثر ۾ لکيل هو، البت اُن پيپر جي مهاڳ ۾ پيپر جي موضوع سان سڌيءَ طرح واسطو رکندڙ ڳالهيون ڪيل ڪونہ هيون.

هند ۾ سنڌي اديبن جي نائب اڳوان لڇمڻ ڪومل بہ مکيہ ڳالهيون ڪيون. هڪ اُها هئي، تہ ڪن صاحب فراق گورکپوري صاحب جي هڪ شعر جو حوالو با معنيٰ نموني ڏنو:

آني والي نسلين تم پي رشک کرينگي، همعصرو!
جب اُنکو معلوم يہ هوگا تم ني فراق کو ديکا ٿا.

۽ شري ڪرشن راهيءَ جي فن ۽ شخصيت تي ڳالهائيندي چيائين، ”ڪرشن راهي صاحب جي ’قداور شخصيت‘ هئي.“ شايد ٺي چو، پڪ ٺي پڪ هن صاحب ’قداور‘ لفظ جو استعمال ٻنهيءَ معنيٰ ۾ ڪيو. شخص ۽ شاعر - ٻنهي لحاظن کان ڪرشن راهي (سچ-پچ) هڪ قداور شخصيت هو.

موتي پرڪاش جي پيپر ۾ شري ڪرشن راهيءَ جا نوجوانيءَ جي وقت وارا شخصي ۽ شاعرانہ پهلو اُجاگر ٿيا. اهو پيپر ٻڌندي نہ صرف سندس اکين ۾ بلڪ ٻڌندڙن جي اکين ۾ پڻ ڳوڙها نمودار ٿيا. ڇا تہ ڀڏا سچا زمانا هئا ۽ پوءِ ڪيئن اُهي زمانا بدلجي ويا، جڏهن بستي بستي کنڊهر ٿي پيئي.

واسديو موهي، شوڪت شوري، تاجل بيوس ۽ رکيل مورائيءَ پڻ پنهنجي پنهنجي موضوع سان خوب نباهيو. ڪنن صاحبن جا پيپر پڻ شري ڪرشن راهيءَ جي فن ۽ شخصيت تي مُبني (جي آڌار تي) صاف سُٿرا پيپر هئا، جن ۾ ’ڪُماچ‘ (١٩٦٩) ۽ ’وسڻ سندا ويس‘ (١٩٨٩) مان ڪيترائي مثال پيش ڪيا ويا. حقيقت ۾، سيني نقادن

موهنداس : اَٽن کو شرم حياءُ ..... بزرگ پيءُ گهر ۾ وينو آهي
اُن کي ڇڏي هوٽل ۾ روٽي کائڻ ويندا. ڇا تہ شڪايت
آ .... گرهستيءَ سان لڙندي لڙندي ٿڪجي پيئي
آهيان .... گهر جي مالڪياڻي بڻجي ويني آهي.
جڏهن چاهي جتي وٽيس پيئي اَچي وڃي .... ڪائي
پيئي بہ مرضيءَ سان، جيڪو وٽيس اسان کي ڪارائي
..... پوءِ بہ شڪايتون ..... ڪنگڻ ونٽا اَٽس ....
سوني برت ڏي گفت، هيترو سارو اڳ۾ ئي سون اَٽس
..... مٽان وري ..... ٻيو بہ ڪپيس .... هنن عورتن
جي سون مان بہ دل ڍاپي ئي نٿي .... ها ......
ڀڳوان ڪرشڻ اَرجن کي چوي ٿو .... ڪنهن کي
سڏ ڪجي تہ پريم سان ڪجي .... او ڀائي .... او
سنت، ....او ڀڳت ..... پريوءَ جا پيارا ......

شالني : ڏئڊي .... چانهہ .....

موهنداس : (خفي ٿي) ٺيڪ آ .... ٺيڪ آ .... رک هتي.

شالني : توهانجي چانهہ ٽيبل تي رکي مانوَ ٿي ..... ناشتو بہ
تيار آهي .... اُٽو .... ٿڌا ٿي ويندا.

موهنداس : (خفي ٿي) اُٿان ٿو اُٿان .... چانهہ ٿڌي ٿي ويندي
... گيتا بہ سک سان پڙهڻ نہ ڏيندا .... اُٽ بند
ڪر گيتا .... نہ تہ ٻڏٽي پوندءِ ننهن جي سَت سُري .....

شالني : (پريان) ٽيبل تي اخبار بہ رکي ٿي مانوَ.

موهنداس : (پاڻ سان) اُٿڻ، پوڄن ڪرڻ، چانهہ پيئڻ، اخبار
پڙهڻ گڏو گڏ هن ننهن جون رڙيون واڪا ٻڌڻ .....
ڇا تہ زندگي آهي .... (چانهہ جون چسڪيون ڀرڻ
جو آواز)

شالني : (پاڻ سان) آخر ڇا ٿي ويو آهي ڏئڊيءَ کي ....

موهنداس : ۽ جنهن گيان ڪري سڀ ڪنهن کي خراب ڄاڻي ۽ سڀني سان وير رکي اُهو تامسي گيان آهي.

(ٽيليفون جي گهنٽي وڄڻ جو آواز)

شالني : هلو .... هلو ...... توهين ڪير؟ .... ها ها .... سمهيا پيا آهن ..... اُٿاريان ٿي ....

(زور سان) بڏو تا، توهان جو فون آهي .... اُٿو اڳير ئي دير ٿي ويئي آٿو. .....

موهنداس : هي اَرجن، هيءَ ڳالهه تون ڇت ڏيئي ٻڌ .... سڀ آسرا ڇڏي فقط مون هڪ جي شرڻ اَچ. مان توکي سڀني پاپن کان مڪت ڪندس ..... ۽ .....

شالني : هاڻي ڇڏيو ٻه ڪٽي فون کي ... دير ٿي ويندوَ ته وري مون مٿان چلائيندا ..... صبح صبح گهر ۾ ڪٽ پٽ ڪندا .... رڙيون .... واڪا .....

موهنداس : عجيب مصيبت آهي هيءُ گهر ..... نه صبح سان سڪ سان سمهڻ ٿا ڏين نه وري گيتا جو پاٺ ٿا ڪرڻ ڏين. رڳو آواز .... اُٿو ..... هيءُ ڪريو. هيءَ نه ڪريو. هيءُ گهر آهي ڪين مڇي مارڪيٽ ... هرروز ساڳئي روبڪار ..... هيءَ ننهن شالني ٻه عجيب آهي. شانتيءَ سان نه ڪو ڪم ڪندي ئي ڪونه ..... رڳو پيئي رڙيون واڪا ڪندي. اُنس ڪو بزرگن جو خيال ..... ڏسي ٿي مان گيتا پڙهي رهيو آهيان ته ٻه رڳو پيئي چلائي ...... نه ڪو لحاظ نه ڪو شرم .... ها ڪٽي ڇڏيم .... ها، هي اَرجن جيڪو گرهستي هجي ته اُهي پرائي استريءَ کي هٿ نه لائي....

شالني : هان ونو هيءَ بئگ ..... شام جو جلدي اَچجو .... سوناري وٽان ڪنگڻ ٻه ڪٽا آهن ۽ قليون ٻه ونٽيون آهن .... برٿ ڊي گفت ڏيڻي آهي، روٽي هوٽل ۾ کائينداسين - گرهستيءَ جي ڪمن مان ٿڪجي پيئي آهيان.

(فون جي گهنٽي وڄڻ جو آواز)

شالني : هلو ..... هلو ..... توهانجي ئي فون جو اِنتظار ڪري رهي هئس. ڇا چيو .... پڪچر جون ٽڪيٽون ٻہ گهرايون اٿو .... ها .... پر سوناري وٽ هلڻو هو .... ٺيڪ آهي ٿيندا هلندا. ها .... ها .... مان تيار ٿي ويٺي آهيان .... راڪيش جي اِسڪول مان اَچڻ جو اِنتظار هو .... او ماءِ سويٽ .... توهين منهنجو ڪيترو نہ خيال رکو ٿا .... هر فرمائش پوري ڪريو ٿا .... ها ها .... ڊئڊي رات جو کير ڊبل کائيندا آهن .... ٻاهريون مرچن .... تيل وارو تڪو ڀاڄ نہ پوندو اٿن ... ڊاڪٽرن بہ ٻاهريون کائڻ کان منع ڪئي اٿن .... ها ... ها.... کير .... ڊبل هنن جي روم ۾ رکي ڇڏيندس .... ٺيڪ آ .... مان توهانجي انتظار ۾ آهيان .... ٻاءِ .....

شالني : ڊئڊي! هنن جو فون هو. پڪچر جون ٽڪيٽون وٺي ايندا .... روٽي بہ هوٽل ۾ کائينداسين، اسين وڃون؟

موهنداس : (بي رُخيءَ سان) ٽڪيٽون گهرايون اٿيئي .... روٽيءَ جو هوٽل ۾ پروگرام ٺاهيو اَٿيئي .... پوءِ پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ جڏهن وٺيئي تڏهن ڪر .... جتي وٺيئي وڃي پڻ .... هن گهر ۾ منهنجي هلي ڪٿي ٿي؟

شالني : ڊئڊي! توهين ناراض نہ ٿيو ...... اسين نہ ويندا سين .... مان ....

موهنداس : مون مٿان اَجايو ٺڪر نہ ڀڃ .... چيومانءِ جتي وٺيئي ....

(هارن وڄڻ جو آواز)

موهنداس : راڪيش آيو اَٿيئي ..... اُن کي بہ وٺي ويندا ڪين ...

شالني : اُن کي بہ وٺي ويندا سين .... پر توهان ......

ڪيتري نہ اَدب، فضيلت، عزت، پنهنجائپ سان ڳالهايان ٿي هنن سان ..... هر ننڍي وڏي ڳالهہ جو خيال رکان ٿي .... تہ بہ هر ڳالهہ ۾ بي رخي، بي عزتي ..... چڙهون .... ڇا ٻڍاپي ۾ هر شخص ائين ئي ٿيندو آهي. چڙ چڙيو .... ڪنڌ ڪنڌ وارو ..... يا ڊئڊي ڄاڻي ٻجهي مونکي ذليل ڪرڻ، بي عزتو ڪرڻ ٿو چاهي .... ڇا مان اَڄان بہ هن گهر ۾ پرائي آهيان .... مون هن گهر لاءِ سڀ ڪجهہ تہ ڪيو آهي جيڪو هن جي ڌيئرن بہ نہ ڪيو آهي ... مگر اَفسوس.

(سنگيت)

درشيہ ٻيون :

(فون جي گهنٽي وڄڻ جو آواز)

شالني : هلو .... هلو ..... ها گهر ۾ ئي آهن .... اِجهو ڏيان ٿي ..... فون چالو رکجو .... (پريان) ڊئڊي ...... ڊئڊ توهان جو فون ....

موهنداس : (پريان اوٻاسي ڏيندي) مان هاڻي سمهيو پيو آهيان .... چئينس پوءِ ڪري.

شالني : پر ڊئڊي ......

موهنداس : (غصي ۾) پر ٻر ڪجهہ نہ .... توکي جيڪو چيم اُهو ڪر .... ٻڌءِ نہ، ڇا چيم ..... چئينس پوءِ فون ڪري.

شالني : ڊئڊي سمهيا پيا آهن ..... ننڊ اُٿن .... توهين ڪلاڪ ٻن کانپوءِ فون ڪجو ..... ها ها .... نيڪ آهي، اُٿن تہ مان ئي فون ڪرايانوَ ٿي. ڪيئن توهين مزي ۾ آهيو ..... ٻار نيڪ آهن .... ها ها طبيعت نيڪ اُٿن .... گهري ننڊ ۾ آهن ...... ها، مان ڪرايانوَ ٿي .... ڇڱو.

(فون رکڻ جو آواز)

شالني : اَڄان ڪونہ آيا آهن ... اَڄ سوناري وٽ بہ وڃڻو هو .....

آهين جو مونا جهڙي سشيل، وهنواري، سمجهو ننهن تنهنجي گهر ۾ آهي ..... هن گهر کي سرڳ بڻايو آهي .... منهنجي نُنهن ته گهر کي نرڪ .... بڻائي ڇڏيو آهي نرڪ ......

رامداس : سهڻا ٿوهه پٽن تي گهڻا .... دور کي ڍول سهاوني لاڳي ..... توکي ڪهڙي خبر ته مونا ڇا آهي؟ تو هن جي سونهن ته ڏٺي آهي .... اندر جي ته ....

موهنداس : اهڙي لڳندي ته ڪانهي ..... سدائين پيئي ڊڪڊي .... ڊڪڊي ڪندي آهي .....

رامداس : اِهو ته هن جو ڏيکاءُ آهي .... اجايو ڏيکاءُ.

موهنداس : پر به ڳالهه ڇا ٿي آهي؟

رامداس : ڇا نه ٿيو آهي. اڄ پوٽي جو جنم ڏينهن آهي. هر سال گهر ۾ ملهائيندا آهن. خوشيون ڪندا آهن. تاڙين ..... ڦوڪڻن ڦاٽڻ جي وچ ۾ مان به 'هئپي برٿ ڊي ٽونو' چوندو آهيان. خوش ٿيندو آهيان ..... نچندو آهيان .... ٽونوءَ کي گود ۾ کڻي ڳراٽڙيون پائيندو آهيان. پر ..... پر .....

موهنداس : پر ..... پر .... ڇا؟

رامداس : اِهو منهنجو سک، منهنجو پوٽي لاءِ پيار مونا کان سَهڻ نٿو ٿئي ...... هن کي جلن ٿي ٿئي ..... اڄ هن ٽونوءَ جو برٿ ڊي هوٽل ۾ ملهائڻ جو پروگرام رٿيو آهي ..... سڀ ويا آهن .... مونکي گهر ۾ اڪيلو ڇڏي ...... نوڪر حوالي ڪري ...... ڇئي پئي پپا کي بخار آهي. بخار ۾ ايئرڪنڊيشن هال ۾ وڃڻ، هيترو پري هلڻ ۾ پپا کي وڏيڪ تڪليف نه ٿئي .... بس هليا ويا ....

موهنداس : اِن ۾ اُداس ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. تنهنجي

موهنداس : وڃ .... وڃي تياري ڪر .... دير ٿي ويندءِ ..... ساڳر گھر ۾ ايندو تہ اَجايو اڃي بائيتال مچائيندو ..... منهنجي چنتا ڪنهن کي هن گھر ۾ آهي ٿوروئي .... سڀ پنهنجي لاءِ جيئن ٿا .... مان هلان ٿو .....

شالني : (پاڻ سان) مان بہ ڀلا ڇا ڪريان؟ ڪجھہ سمجھہ ۾ نٿو اَچي .... مون تہ هنن کي پڪچر لاءِ ڪو نہ چيو .... ڊئڊي .... ترتر ڳالھہ تي ڪاوڙجي وڃن ٿا .... اَسانکي بہ ڪڏهن منورنجن گھرجي. انسان کي رڪرئيشن گھرجي کين نہ؟ .... راڪيش، اَچي وئين .... جلدي هٿ منهن ڌوئي وٺ .... ناشتو، ڪير ٽيبل تي رکيل اٿيئي .... پپا جاڻ آيا ...... پڪچر تي ٿا هلون ..... هري اَپ ......

(سنگيت)

درشيہ ٽيون :

موهنداس : اَڙي رامداس! اَڄ ۾ دير ڪيئہ ...... طبيعت تہ ٺيڪ اٿيئي کين نہ .... تنهنجي مُنهن جو پنو لٿل آهي .... آهي تہ شڪ.

رامداس : (ٿڌو شوڪارو ڀري) اَڙي يار ڳالھہ ئي نہ پڇ .....

موهنداس : ڪجھہ تہ ضرور آهي.

رامداس : نہ يار، ڪجھہ بہ نہ .....

موهنداس : هونءَ تہ گل وانگر پيو ٽڙندو آهين .... ٺڪ ڏيئي ڏياري پيٽ ۾ سور وجهي ڇڏيندو آهين .... اڄ تنهنجا ٻارهان ڇو وڄي ويا آهن؟

رامداس : منهنجي نُنهن ..... مونا .....

موهنداس : مونا تہ تنهنجي گھر جو نور آهي .... هوءَ ڪيڏي نہ عزتدار آهي. هرڪنهن کي عزت ڏيندي آهي. شرم حياءُ تہ ڪو هن کان سکي .... تون تہ وڏ ڀاڳي

ماڻهين وارا چوڙا ڪپن ..... ڏهن تولن جو هڪ آهي
اُهي تہ ماڻهين شالنيءَ کي ڏنا آهن .... اِها تہ گهر
جي پرمپرا آهي ..... ماڻهين کي اُن جي سس ڏنا
هئا .... اِهي خانداني چوڙا آهن ... سسون پنهنجن
نُنهرن کي ڏينديون آهن ..... اُهي توکي ڏيڻ
مشڪل آهن .... تون اَجايو ضد نہ ڪر .... شالنيءَ
کان گهرڻ، واپس وٺڻ ٺيڪ نہ ٿيندو. هوءَ غصي ٿي
ويندي .... ساگر بہ ڪاوڙجندو ... ڳالهہ مان اَجايو
ڳالهوڙو ٿيندو ... پٽ تون سمجهہ .... جيڪي
تنهنجي لاءِ گهڙيا آهن .... اُهي تہ توکي ڏيون ٿا
.... اَجايو ضد نہ ڪر .... تون شام جو اَچين ٿي
چوڙا ڪڻڻ .... پر ..... پر ..... اَڙي فون ئي ڪٽي
ڇڏيائين. هي پڳوان هاڻي ڇا ٿيندو.

(فون رکڻ جو آواز)

موهنداس : (زور سان سڏ ڪندي) شالني ..... او شالني ....

شالني : ڇئو ڊئڊي!

موهنداس : تمنا جو فون هو. تو ڳالهہ ئي نہ ڪئي ۽ نہ وري ڳالهرايئہ؟

شالني : توهان کي فون لاءِ چيم ...... توهان سمهي پيا هئا ......

موهنداس : (غصي ۾) سمهي پيو هئس - مري تہ ڪونہ ويو هئس ... توکي خبر آهي تہ تمنا منهنجي جان آهي. اُن سان ڳالهائڻ ۾ مونکي سڪون ملندو آهي .... توکي تمنا کان جلن ٿي ٿئي.

شالني : مان ڇا لاءِ جلندس ...... هوءَ منهنجي سڪيلڌي نڻان آهي .... توهانکي فون لاءِ چيم ... توهان پاڻ غصي .....

موهنداس : (اَڌ ۾ ڪٽيندي) بس، بس هاڻي گهڻو ٿيو .... صفائي پيش ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي .... مان

نُهن تہ پاڻ تنهنجي تندرستيءَ صحت جو خيال رکيو ..... توهان جي صحت بگڙي پوي ها تہ هنن جي خوشين ۾ رُخنو پوي ها ڪين نہ؟

رامداس : هو سوارٿي آهن .... پنهنجي موڄ شوُنق ۾ ئي پورا آهن.

موهنداس : اَڄ منهنجو پٽ - نُهن بہ پڪچر تي ويا آهن، مونکي اَڪيلو ڇڏي.

رامداس : تہ ڇئبو، سڀ نُهر هڪ جهڙيون آهن .... ٻاهران مِٺ مِٺ ۽ اندر ۾ .....

موهنداس : ريون مڙيئي بوٽ ڪاريون .... هاڻي ڇڏ اِنهن ڳالهين کي ... نُهر ورتيون آهن تہ هنن جا ماٽا، وهنوار سهڻو ئي پوندو ... هل باغيچي جو چڪر هڻي اَچون .....

رامداس : (اُف ڪندي) .... جئن تنهنجي مرضي .... هل ...
(سنگيت)

درشيہ چوٿون :

(ٽيليفون جي گهنٽي وڄڻ جو آواز)

موهنداس : هلو ..... هلو .... ڪير؟ .... تمنا .... ها چئہ ..... مونکي ڇا ٿيو آهي؟ .... ڪجهہ بہ تہ نہ. مان بلڪل نيڪ آهيان ... ائين ئي سمهيو پيو هئس ... ڇا چيئہ .... جنم ڏينهن .... ها ياد آهي .... جنم ڏينهن جون اَڊوانس ۾ واڌايون ..... هئپي برٿ ڊي ... ڇا چيئہ .... هوٽل ۾ پارٽي رکي اَٿو .... ڏاڍي خوشي ٿي .....نہ نہ ..... مان اَچي نہ سگهندس ..... ساگر، شالني ايندا .... نہ نہ .... ڇا چيئہ ..... مان ضرور اَچان .... ڇڱو ڪوشش ڪندس .... ها ٻڌاءِ .... گفٽ ڪهڙي ڪپيئي .....؟ ساگر تہ تو لاءِ سونا چوڙا جوڙايا آهن .... ڇا چيئہ ..... توکي

شالني : ڪهڙو فيصلو؟

ساگر : مان ڏيڏيءَ کي ٻيا آشرم ۾ ڇڏي ايندس.

شالني : توهين ھي ڇا پيا چئو ...... ڀلا جيئرن کي گهر مان ڌڪي ڪڍبو آهي ڇا؟

ساگر : سهڻ جي به ڪا حد ٿيندي آهي روز روز جي کٽ پٽ مونکي پسند ڪانهي.

شالني : کٽ پٽ، مونسان ٿا ڪن، مون توهان سان ڪا شڪايت ڪئي آهي ڇا؟

ساگر : سڄو ڏينهن ڳالهائڻ ..... اَجائي بڪ بڪ .... ننڍي ننڍي ڳالهه تي غصو .... جهڳڙو ......

شالني : وڏا آهن، اِها اُنهن جي عادت ٿيندي آهي. اِنسان کي ڪجهه نه ڪجهه ڳالهائڻ لاءِ ته کپي .... سڄو ڏينهن شانت ته ڪري وهندا ڪونه .... وڏڙن جو چيو دل ۾ نه ڪبو آهي. مان ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندي آهيان ..... توهان اَجائي چنتا نه ڪريو ... ٻيا آشرم جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏيو ...... وڏا ته گهر جي سونهن ٿيندا آهن .... هلو هلي توهين به رسوئي ورتايو.

ساگر : عجيب آهي. سسڪيون به ڀري ٿي .... اندر ۾ پڄري به ٿي پر زبان سان اُف به ڪانه ٿي ڪري.

(سنگيت)

درشيه پنجون :

موهنداس : نُنهن ...... نُنهن .... شالني ..... او شالني.

شالني : ها .... اچهو آيس (پريان)

موهنداس : ٻڌي ئي ڪونه ٿي. لڳي ٿو مونکي پاڻ ڏاڙهيءَ جو سامان ڪڍڻو پوندو.

(شيشي ڪرڻ - ٽٽڻ جو آواز)

تنهنجي رڳ رڳ کان واقف آهيان .... تہ هتان .... رسوئي کارائيندينءَ ڪين نہ؟

شالني : (ڏکي لهجي ۾) رسوئي تيار آهي. ڪٿي تي اَچان.

موهنداس : اَڄ ڪالهہ هيءُ ننڍيون ڳالهيون کي اَلائي ڇا ٿيون سمجهن.

ساگر : ڊئڊي! توهانجي ڏنڀ ڏنڀ ڪرڻ جي عادت ڏاڍي بري آهي.

موهنداس : (غصي ٿي) تون جوءِ جو مريد ٻڌجي مونسان وڙهڻ ٿو چاهين؟

ساگر : اهڙي ڪٽ پٽ نہ ڪريو، جو شالني توهان کي عزت ڏيڻ بند ڪري ڇڏي .....

موهنداس : مونءِ وري ڪهڙي عزت ٿي ڏئي.

ساگر : توهان ڪنڌ ڪنڌ ڪريوس ٿا. ڪاوڙ ڪريو ٿا .... تہ بہ موٽ ۾ هن ڪو ڪڏهن بہ توهان کي ڪو بہ جواب نہ ڏنو آهي.

موهنداس : تون جوءِ جي وڪالت ڪرڻ بند ڪر، مان سڀ ڪجهہ سمجهان ٿو ... مون بہ زمانو ڏنو آهي ڪنهن سان ڪيئن هلجي اُهو پليءَ پت ڄاڻان ٿو. وڃ وڃي پنهنجو ڪم ڪر .... هليو آ پيءُ کي سمجهائڻ .....

شالني : ڊئڊي! رسوئي ......

موهنداس : (غصي ۾) اندر روم ۾ رک.

شالني : جيڪا توهانجي مرضي.

(فضا ۾ روئڻ جا سڏڪا)

ساگر : شانت! شالني شانت .....

شالني : مون ڊئڊيءَ جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي .....

ساگر : مان ڄاڻان ٿو. تنهنجو ڪو بہ ڏوهہ ڪونهي .... ڊئڊيءَ جو ٻڍي ٻڍي هاٿي منهنجا ڪن پچي پيا آهن ...... مون فيصلو ڪري ڇڏيو آهي....

ڪريو .... هتي ليٽو .... اَڙي! رت تہ رڪجڻ جو نالو ئي نٿو وٺي.

ساگر : ڊاڪٽر کي فون ڪيو اٿم .... اَچي ٿو .... ڇيائين تيستائين ڳاڙهي دوا لڳائي، ڪپہ رکي زور سان پٽي ٻڌي رکوس .... مان اَچان ٿو.

شالني : اُهو ڪم تہ مون ڪيو آهي.

موهنداس : رت پاٽي بند ٿي ويندو .... وچ وچي تون راڪيش جي چنتا ڪر .....

شالني : مان کير ۾ هئڊ وجهي اَچان ٿي .... گرم هئڊ وارو کير پيئندا تہ آرام اَچي ويندوَ.

(قدمن جا آواز)

ساگر : اِهو سڀ ڪيئن ٿيو؟ تون ڊئڊيءَ کي ڏاڙهيءَ جو سامان ڪڍي ڏين هان.

شالني : هرروز تہ ڪڍي ڏيندي آهيان ...... ڊئڊيءَ کي صبر ڪٿي آهي. راڪيش کي روئي ويٺي ڪارايم ..... سڏ ڪيائون ..... پهچان پهچان تنهن کان اڳ ....

ساگر : توکي تہ سڌ آهي ڊئڊي هر ڪم ۾ جلدي ڪندو آهي. هر ڪم ۾ تڪڙ ..... پاڻ هٿڙو تہ آهي.

شالني : (خفي ٿي) پر بہ مان ڇا ڪريان. هڪ ئي آواز ۾ سڀ ڪجهہ ٿي وڃي اِهو ممڪن بہ تہ ڪونهي. مان مشين تہ ڪونہ آهيان .... گهر جا ٻيا ڪم بہ تہ آهن ..... هو منهنجي مجبوري سمجهڻ جي ڪوشش ڇو نہ ٿا ڪن .... اَجائي تڪڙ ..... هيترو رت .... اڳ ئي سرير ۾ ڪمزوري .....

ساگر : تون تہ ڇاٽين ٿي هن اڪين تي بي رحميءَ جو چشمو چاڙهي رکيو آهي ..... هن ۾ تنهنجي ڪا بہ غلطي ڪانهي. غلط ڊئڊي آهي.

شالني : (ڊُڪندي) ڇا ٿيو .... ڇا ٿيو ڊئڊي؟

موهنداس : (غصي ۾) ڏسين نٿي ڇا ٿيو؟ اَکيون ڏرا ڏيئي ويئون اَٿئي ڇا؟

شالني : اوهه ! شيشي ٽٽي آهي .... توهين مونکي چئو ها.

موهنداس : سڀ ڪيامانءِ تہ آئينءِ ڪو نہ .... (چيڙائيندي) مونکي چئو ها .....

شالني : راڪيش کي روٽي ڪارائي رهي هئس ...... توهان تہ ڄاڻو ٿا ڪاڏي ۾ هار ڪيترو نہ پريشان ٿا ڪن.

موهنداس : (غصي ۾) وڃ وڃي پنهنجي لاڏلي کي روٽي ڪاراءِ .... هتي ڇا بيٺي ڪرين .....

شالني : توهين اندر ڪمري ۾ وهو .... مان ٽٽل ڪانچ ميڙي ٿي وٺان ..... اَڙي هيءُ رت ..... ڊئڊي توهانجي پيرن .....

موهنداس : شيشي پير مٿان ڪري ..... ۽ هن هٿ ۾ بليڊ بہ لڳو آهي.

شالني : توهين وهو. مان ڪپڙي سان صاف ڪريان ٿي .... دوا لڳايان ٿي .... زخم ڏاڍو گهرو آهي.

موهنداس : اوهہ .... اُ ..... ڏاڍو سڙي ٿو ......

شالني : رت تہ بند ٿئي ئي نٿو .... (زور سان) ٻڌو ٿا .... هيڏانهن تہ اچجو.

ساگر : ڇئہ .... اَڙي هيءُ ڇا ٿيو؟ هيءُ رت .....

موهنداس : شيشي ٽٽي پيئي .....

ساگر : شالني ..... توکي ڪيترا دفعا چيومانءِ ٿي تہ ......

شالني : توهين ڊاڪٽر کي فون ڪري وٺو.

موهنداس : شالني، تون وڃي راڪيش کي روٽي ڪاراءِ .... هن کي اِسڪول دير ٿيندي هوندي.

شالني : توهين ڪابہ چنتا نہ ڪريو ...... هلو اندر ..... آرام

همدردي ..... ڏيکاءِ ...... ڇي ڇي ..... نہ نہ مان
هر ڳالهہ اُبتي ڇو ٿو سوچيان ..... آفيس جي هر ڳالهہ
فائيل مان غلطي ڳولهڻ جي منهنجي عادت آهي
وڃي ڇو نہ ٿي ..... مان رڳو مکڻ مان وار ڇو ڳولهي
رهيو آهيان ..... مونکي ڇا ٿي ويو آهي؟ .... ٻين
جي درد جي محسوسات ڇو نہ ٿئي ...... سد ڀاونا -
دُر ڀاونا ڇو ٿي لڳي؟
اِهي منهنجي دماغ جا اَجايا فطور آهن ..... وهم
...... سڀ نيڪ ٿي ويندو.

(سنگيت)

درشيہ ڇهون :

(بيل وڄڻ جو آواز)

شالني : اَڇو اَڇو ديدي اَڇو. ڪيئن آهيو .... ٻار ڪيئن آهن ....

تمنا : سڀ نيڪ آهن .... توهين ڪيئن آهيو؟

شالني : سڀ خيريت آهي.

تمنا : پپا ڪٿي آهن؟

شالني : اندر ڪمري ۾ .... اَچو پهرين توهين وهو تہ سهين ......

تمنا : پپا سان ملي اَچان ٿي .... پوءِ ويهي آرام سان ڳالهيون ڪنداسين.

شالني : جيڪا توهانجي مرضي ....

(قدمن جو آواز)

تمنا : پپا .... پپا .... پپا ......

موهنداس : اَڇ پٽ .... اَڇ ... گهر ۾ سڀ نيڪ ٺاڪ تہ آهن.

تمنا : ايوري ٿنگ اِز اوڪي .... پر توهين اَڇا سمهيا پيا آهيو ... هيءُ پٽي ڇاجي آهي؟

موهنداس : شيشي هٿ مان ڪري پيئي ...... ڪانچ ٽڪر لڳو آهي.

تمنا : هيءُ شالني گهر ۾ ڇا ٿي ڪري؟ هيءُ عمر آهي توهانجي ڪم ڪرڻ جي.

شالني : غلط ڇا آهي؟ ...... ڪير آهي؟ ڇڏيو اِنهن ڳالهين کي .... توهين آفيس وڃڻ جي تياري ڪريو. راڪيش کي اِسڪول ڇڏيندا وڃجو .... دير ٿي ويئي اَٿس ...... ماروتي هلي ويئي هوندي ..... مان ڊئڊيءَ کي ڪير ڏيئي اَچان .....

ساگر : ڊئڊيءَ کي ڏک لڳو آهي ..... ڊاڪٽر بہ ايندو هوندو .... اَڄ ڪٿي آفيس مان موڪل ڪريان ٿو ....

شالني : توهين ڊئڊيءَ جو فڪر نہ ڪريو .... مان گهر ۾ آهيان ..... مان خيال رکنديمان ..... توهين وڃي تياري ڪريو ....

ساگر : چا آڻيا .....

(قدمن جو آواز)

شالني : ڊئڊي ڪير !

موهنداس : ٽيبل تي رک.

شالني : گرم گرم پي ڇڏيو آرام ملندوَ.

موهنداس : ڇيم ٽيبل تي رک.

شالني : نہ .... توهان کي گرم گرم پيئڻو پوندو.

موهنداس : آجايو ضد ڇو ٿي ڪرين؟

شالني : ضد تہ توهين ڪري رهيا آهيو .... مان هاڻي توهانجي هڪ بہ نہ ٻڌندس .... توهان کي ڪير هاڻي جو هاڻي، منهنجي سامهون پيئڻو پوندو .... هان ونو.

موهنداس : (لاچاريءَ مان) چڱو پيالا ڏي ..... هان وٺ گلاس ....

شالني : هاڻي آرام ڪريو ..... ڪجھ کپيوَ تہ سڏ ڪجو.

موهنداس : (پنهنجو پاڻ سان) شالني منهنجو ڪيترو نہ خيال رکي ٿي ..... رت ڏسي ڏجي ويئي ...... هيتري شيوا ..... هيترو خيال .... ڪٿي هن جي اَجائي

موهنداس : تون اَجايو ضد نہ .... مان شالنيءَ کي ڏنل ڪنگڻ
ڪونہ گهرندس. هوءَ نئين زماني جي آهي، اَجايو
هٺڌرمي تي آپمان ڪري وڃندي.

تمنا : هن جو راڄ تہ هلي چا جو اَپمان ڪندي؟ وري ڪنگڻ
هوءَ پيڪن مان ٿوروئي ڪٺي آئي آهي؟

موهنداس : تون ٻالڪ کي سمجهين ڇو نہ ٿي؟ تنهنجي مميءَ
هن کي هٿن سان پاتا آهن. ڪٽنبي پرمپرا آهي.

تمنا : مان ڪجهہ نہ ڄاڻان. هيءَ تہ گهر جا ڪنگڻ آهن.
پنهنجا ڏنل ..... اگر هوءَ پيڪن مان سون، زيور،
مڙيا ڪٺي اَچي ها ۽ گهر جو وڏو اُن ڪان اُهي گهري
تہ نُنهن جو فرض آهي اَدَ ٻالهايو لاهي ڏئي.

موهنداس : اِهو شان نہ آهي. هوءَ هن گهر جي نُنهن آهي. هن
جي بہ ڪا عزت آهي. پاتل چوڙا لاهي وٺڻ خانداني
نہ آهي. مان تنهنجي صدقي نُنهن اَڳيان هٿ نہ
ٽنگيندس .... تون ضد تان لهي وڃ .... هيو ڪجهہ
گهر ..... توکي ملي ويندو.

تمنا : چا منهنجو هن گهر تي ڪو حق ڪونهي .... شادي
ڪيم تہ پرائي ٿي ويس ..... توهين ئي چوندا آهيو
پيءُ جي ملڪيت ۾ ڌيءُ جو بہ حق آهي.

موهنداس : نيڪ آهي. توکي حق ڪان محروم ڪٿي ٿا رکون.
ڪنگڻ کي ڇڏي ٻيو جيڪي کپيئي هن گهر مان کڻي وڃ.

تمنا : توهان، جنم ڏينهن تي پنهنجي ڌيءُ جي تمنا پوري
نہ ڪري رهيا آهيو. سدائين تہ هر خواهش هر گهر
پوري ڪئي اَٿوَ ... چا توهين مونکي پيار نٿا ڪريو؟

موهنداس : تنهنجي لاڏ ڪوڏ، ضد، هر خواهش، تمنا اڳيان
جهڪيو آهيان. تنهنجي هر مَن ماني سُني اَٿم.

موهنداس : ڏوھ منھنجو آھي ..... مون اَجائي تڪڙ ڪئي .... تون چنتا نہ ڪر .... ھاڻي ٺيڪ آھي. ڊاڪٽر بہ ڏسي ويو آھي .... ھڏاء ... اَڄ تنھنجو برٿ ڊي آھي ....ھئپي برٿ ڊي ......

تمنا : توھان کي شام جو پارٽيءَ ۾ ھلڻو آھي. مان سيني کي روبرو اِنوائيٽ ڪرڻ آئي آھيان.

موهنداس : منھنجو نڪرڻ تہ ممڪن ڪونھي. رت ڪافي وھيو آھي. باقي شالني ساگر اَچي ويندا.

تمنا : توھين گھر ۾ اَڪيلا .... نہ مان توھان کي وٺڻ ايندس. توھان کي ھلڻو پوندو ..... توھان کان سواء مزو نہ ايندو.

موهنداس : اَجايو ضد نہ ڪر .... توھان جوانن ۾ ھڏن جو چا؟ ...

تمنا : توھين ھڏا ڦوروئي آھيو ..... جوانن کان تندرست .... پنھنجا ڪم پاڻ ٿا ڪريو.

موهنداس : تڏھن تہ نقصان ٿا ڪريون .... گھر جو زيان ۽ سرير جا زخم .... ھا ھي ڳالھ ڪر ....

تمنا : مان ڪنگڻ وٺڻ آئي آھيان. پارٽيءَ ۾ پائيندس.

موهنداس : تنھنجي لاء شالنيءَ ساگر نوان ڪنگڻ جوڙايا آھن. ڏاڍا سٺا آھن سھڻا وري ماڊرن.

تمنا : مونکي مميءَ وارا ڪنگڻ کپن ...... مون توھان کي فون تي ھڏايو ھو.

موهنداس : (سمجھائيندي) اُھي شالنيءَ کي سس ڏنا آھن. ڏنل ڪنگڻ واپس گھرڻ ٺيڪ نہ ٿو لڳي.

تمنا : مونکي ڪنگڻ کپن ..... اُھي ئي کپن.

موهنداس : تون ڳالھ کي سمجھين ڪونہ ٿي .... گھر ۾ اَجائي کٽ پٽ ٿي پوندي.

تمنا : (ضد ڪندي) کپن .... کپن ..... مونکي مميءَ وارا سونا ڪنگڻ کپن ..... اُن کانسواء ٻيو ڪجھ بہ نہ .....

(تمنا روئندي)

شالني : ڊئڊي، هي وٺو.

موهنداس : هي ڇا آهي!

شالني : ديديءَ جي برٿ ڊي گفٽ!

موهنداس : اُها ته شام جو پارٽيءَ ۾ ڏجوس.

شالني : توهين پنهنجن هٿن سان ڏيوس.

موهنداس : جيڪا تنهنجي مرضي .... آڙي! هيءُ ته تنهنجا ڪنگڻ آهن ...

شالني : ها، تمنا کي اِهي ئي گهرجن .... مون سڀ ڪجهه ٻڌي ورتو آهي.

موهنداس : نه نه ... هيءُ تنهنجي سس ۽ خاندان جي سوکڙي آهن. تنهنجي ڪراين جي سونهن.

شالني : ڪنگڻ هن گهر جي سونهن آهن. اُهي نُنهن جي ٻانهن ۾ هجن يا ڌيءُ جي. ڪنگڻن جي سونهن، چمڪ گهڻٽي ڪانهي پاڻ وڌٽي آهي .... هيءُ ديديءَ کي ڏيو ..... برٿ ڊي سوکڙي.

موهنداس : پر ..... پر ....

شالني : هن گهر، تمنا-ديديءَ جي هر گهر، خواهش پوري ڪئي آهي. اڄ به شپ ڏينهن تي نياڻيءَ کي خالي هٿ نه موٽائبو .... توهين پنهنجي هٿن سان ديديءَ کي ڪنگڻ ڏيو .... برٿ ڊي گفٽ ....

تمنا : اوهه ..... پاپي ..... يو آر گريٽ.

شالني : هئپي برٿ ڊي ٽو يو ......

تمنا : (خوشيءَ وچان) ڏٺوَ نه منهنجي پياري ...... مٺڙي پاپي .... شي اِز لولي .... گريٽ ....

موهنداس : (پاڻ سان) نُنهن .... شالني تون واقعي مهان آهين. مان توکي سمجهي نه سگهيس. سداچار، سٺي

پر اڄ مان لاچار آهيان .... ٻُنهن اکيان هٿ نه وڌائيندس .... تون سمجهڻ جي ڪوشش ڪر ....

(تمنا روئي ٿي)

تمنا : هاڻي مان پرائي ٿي ويئي آهيان .... مان وڃان ٿي. زندگيءَ ۾ ڦهريون پيرو خالي هتين. وري هن گهر ۾ پير نه رکندس ... زندگيءَ پر .....

موهنداس : تمنا .... تمنا .... هيڏانهن اَچ .... ويهه ....

شالني : اَڙي ديدي! توهين ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو. توهان لاءِ چانهه ڪٺي آئي آهيان .... ڏڏيءَ سان گڏ ويهي پيئو .... اَڙي! توهان ته روئي رهيا آهيو؟ ڇا ڳالهه آهي؟ ڏڏي ..... تمنا .....

موهنداس : ڪجهه به ڪونهي .... ائين ئي ... تمنا .... تمنا ....

تمنا : مان وڃان ٿي ... هيءَ منهنجو گهر ڪونهي ... هاڻي مان ....

شالني : توهين هي ڇا ٿا چئو؟ توهانجو ئي گهر آهي. نڻانن جي شادي ڪري وڃڻ سان گهر ڌاريو ٿوروئي ٿي پوندو آهي .... اَچو وهو ... شانت ٿيو .... ڇا ڳالهه آهي ..... مونکي ٻڌايو.

تمنا : ڏڏيءَ ۽ منهنجي وچ جي ڳالهه آهي،

شالني : ڇا مان ڪجهه مدد ڪري سگهان ٿي؟

موهنداس : نه ... ڪجهه به نه آهي .... اَجائي ضد ٿي ...... ڪجهه به نه آهي. سڀ نيڪ ٿي ويندو.

شالني : توهين چانهه پيئو .... مان اَچان ٿي.

(وڃڻ جا قدم)

موهنداس : تون اَجائي ٻاراڻي نه ڪر .... شالني اَچي ته اُن سامهون ڪجهه نه چئج نه ته گهر ۾ ٻائيتال مچي ويندو، رڙيون واڪا شروع ٿي ويندا.

’مسٽر موٽواڻي‘

منهنجي هن سان هڪ دوست جي معرفت واقفيت ٿي هئي. آرتوار جي ڏينهن، مان نيم اُنوسار صبوح جو گهر جي ورانڊي ۾ ويهي چانهه پي رهيو هوس جو بنواري کيس پاڻ سان وٺي آيو. پرسان ئي خالي ڪرسين تي ويهڻ کانپوءِ بنواريءَ چيو، ’هن سان ملو، هي آهي شري موتيرام موٽواڻي.‘

مون هٿ وڌائي کيس ڪيڪاريو ۽ هن به مشڪي ڏنو. مون ڏٺو، هوُ وچولي قد جو هو. رنگ جو صاف ۽ اُجرو، وارن ۾ وچ تان سينڌ نڪتل، اکين تي سنهي فريم وارو چشمو، خطن وٽان اَڇا وار ۽ عمر ۾ موٽ ڪاڏل ٿي لڳو. بنواريءَ واقفيت ڏيندي چيو، ’جُونڪ وٽ جيڪا سرڪاري بئنڪ آهي، تنهنجو هيءُ مئنيجر آهي ۽ تازو ئي بمبئيءَ مان بدلي ٿي آيو آهي.‘

مون وري به مشڪي ڏانهنس نهاريو، جنهن جو جواب هن به چپن تي هلڪي مرڪ آڻي ڏنو. بنواريءَ مطلب جي ڳالهه تي ايندي چيو، ’توهان چيو هو ته توهان کي مڪان جي مٿين فلور لاءِ ڪو لائق مسواڙي گهرجي. شري موٽواڻيءَ کان بهتر ڀيو ڪير ٿي سگهندو؟ مان کيس بمبئيءَ کان سڃاڻان، توهين ڪنهن به ڳالهه جو خيال نه ڪريو.‘

پنهنجي دوست وٽان ايتري خاطري ملڻ تي مان ڀلا ڪيئن ٿي ’نه‘ ڪري سگهيس. مون موٽواڻيءَ کي وٺي وڃي جڳهه ڏيکاري جا کيس پسند آئي. مسواڙ جو فيصلو ٿيو ۽ ان ڏينهن ئي اقرار نامو به ٿي ويو. چانهه پيئڻ کانپوءِ موٽواڻي ته هليو ويو ليڪن بنواري مون سان ويٺو رهيو.

وهنوار جي ڀاونا مري ويئي آهي. اسانجا دماغ، سوچ اُڃاترا ڇو ٿي ويا آهن. اسان غلطفهمين کي ڇو پالي ويٺا آهيون. ڇا ٻڌاپي ۾ ائين ٿيندو آهي؟ نُنهن تون واقعي مهان آهين .....

(سنگيت)

منی ڪهاڻي/جيٺو لالواڻي

’توهانجي واقفيت!‘

’جي ها! دهشت گرو منهنجو پتا شري، هنسا منهنجي ماتا شري، وحشت منهنجي آڪه، ۽ لچائي منهنجي نڪ آهي. ڪوڙ-ڪپٽ منهنجا پٽ، ايرشا، نراشا، هتاشا منهنجون ڌيئر آهن. اُره زوري، زوراوري، رشوتخوري لالچ منهنجون ڀينر، سوارٿ، فساد منهنجا دوست آهن. رئلي-سرڪس منهنجي سالي آهي. جاتي واد، ڌرم جنون، ڀيد ڀاوَ ۽ اَستيره منهنجا سالا آهن. لُٽ، ڦُر، ڍل چوري منهنجو ڌنڌو آهي. ڪلجُڳ منهنجو ڪٽنب آهي. لوڪشاهي شهر جي چورگليءَ جو رهاڪو آهيان.‘

’پر توهان جو نالو؟‘

’مونکي هندستاني سڏيندا آهن!‘



ڀڳوان ٽيڪچند ٽلواڻي (جنم : ١-١-١٩٢٢، ديهانت : ٢٢-٢-٢٠٠٨) جي ديهانت تي اسين سرڳواسيءَ جي ڪٽنب ۽ سموري جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

سنڌالاجي پريوار

واسطي جڏهن موتواڻيءَ جي گهر ويس ته هوُ پٽ کي سمجهائي رهيو هو. ’جيڪڏهن تنهنجي پڙهڻ جو هي حال آهي ته اِمتحان ڪيئن پاس ڪري سگهندين؟ ۽ جيڪڏهن اِمتحان پاس نه ڪندين ته نوڪري ڪيئن ملندي؟

مون کي هينءَ اوچتو آيل ڏسي هو ڪجهه هبڪيو، پر پوءِ مون ڏانهن ئي مخاطب ٿي چيائين، ’شرماجي، توهين ئي ٻڌايو، مئٽرڪ پاس ڪيل کي ڪهڙي نوڪري ملي سگهندي؟ انڪري چوانس ٿو ته محنت ڪري گهٽ ۾ گهٽ بي.اي. ته پاس ڪري. ان کان مٿي نه پڙهڻو اٿس ته نه پڙهي.‘ رام هڪ گنهگار جيان پنهنجو ڪنڌ لٽڪائي بيءَ ڪرسيءَ تي ويٺو رهيو.

سندن ڪم واري مائيءَ وچ ۾ ئي چئي ڏنو، ’ادا پڙهڻ کان ته گهٽائي ڪونه ٿو. رات رات ويهي پيو ڪتاب نچوڙي، ليڪن پوءِ به مارڪون گهٽ .... ان ۾ هن جو ڪهڙو ڏوهه ....؟‘ مائي سندن ڪتنب جو حصو بڻجي چڪي هئي انڪري موتواڻيءَ کي شايد ئي برو لڳو هوندو، اِهو صاف ظاهر هو.

منهنجي لاءِ ڪوبه جواب ڏيڻ مشڪل ٿي پيو، مون کي چپ ويٺل ڏسي موتواڻيءَ وري چيو، ’شرماجي، توهين ڪجهه سمجهايوس نه ....‘ هاڻي ته ڪجهه چوڻو ئي پيو. چيم، ’رام ته نوجوان ۽ سمجهو ڇوڪرو آهي، ڪيس پنهنجي آئينده جي ڳڻتي ڪونه هوندي ڇا؟ توهان نا اُميد نه ٿيو.‘ ائين چئي مان موٽي آيس.

موتواڻيءَ کي آئي به سال گذري ويا. هو سياءَ جو ڪلمڪ ۽ يار ويس هو. ڪنهن جو به ڪم پوندس ته جهٽ ڪري ڏيندو. هئي جي لاءِ همدردي ته ڪونان ڪوٽ پريل هيس، انڪري هرڪنهن جو ڪم پنهنجو ئي ڪري سمجهندو هو. آفيس جو عملو چاهي بئنڪ جا گراهڪ منجهانئس بيحد راضي هئا. البت ڪي ڪسٽمر هئا جن کي شڪايت هئي ته ديوان گهرج کان وڌيڪ ايماندار ۽ سچيار هو، ڇو ته هن اُنهن جا پڌا ڪم آڇون ملڻ جي باوجود به ڪونه ڪيا هئا.

مونوائيءَ جي هلي وڃڻ ڪانپوءِ، هڪ ڏڌو شوڪارو پريندي بنواريءَ چيو، ’وڏو بد نصيب آهي.‘ مون ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندي پڇيو - ’ڇو، ڇا ٿيو اٿس؟‘ بنواريءَ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ته ڪيئن گذريل سال سندس اِستريءَ جو سرڳواس ٿي ويو هو. ڪئنسر جو مرض هوس. ويچاري پيسو ته پاڻيءَ جيان وهايو، ايتري قدر جو بمبئيءَ جو فليٽ به ان جي علاج لاءِ وڪڻي ڇڏيائين، ليڪن پنهنجي زال کي بچائي نه سگهيو.

منهنجي نئين مسواڙيءَ لاءِ همدردي وڌڻ لڳي. ازخود ئي پڇي ويٺس، ’ٻار ٻچا هوندس؟‘ بنواريءَ چيو، ’اِتي به ويچارو نصيب جي مار کائي ويو. اٿس ته هڪڙو ئي پٽ. ٻارهون پاس ڪري هاڻي ڪاليج پڙهندو آهي. شڪل صورت ۾ ته پيءُ جهڙو شهزادو آهي ليڪن پڙهائيءَ ۾ نسورو ڍڳ. هي ٻارهون به ڪئن ٽيوشن وٺي ۽ ڳيتون ڏيئي پاس ڪيو اٿائين سان مون کي خبر آهي.‘

اِها اسان جي پهرين ملاقات هئي. ترت ئي ٻن ڏينهن ۾ مونوائيءَ پنهنجو سامان سڙو ڪڻائي اچي جڳهه ۾ ويٺو. ڇوڪري جو نالو رام هوس. گهر جي صاف صفائيءَ لاءِ ۽ رڌ پچاءَ لاءِ هڪ نوڪرياڻي هنين جا ساڻن گڏ ئي رهندي هئي.

ڪجهه ڏينهن بعد پنهنجي ئي بئنڪ ۾ مونوائيءَ منهنجو کاتو کولي ڇڏيو ۽ منهنجي سهوليت وڌائي ڇڏي. هاڻي ته بئنڪ وڃڻ بجاءِ، جمع ڪرائڻ وارا سڀ چيڪ مان کيس ڏيئي ڇڏيندو هوس ۽ جيڪڏهن ڪا رقم ڪڍائڻي هوندي هئي ته کيس گهر ۾ ئي وڃي چيڪ ڏيئي ايندو هوس ۽ مونوائي شام جو موٽندي ڪڍايل رقم اچي مون کي ڏيئي ويندو هو. مون کي ته ڄڻ گهر ۾ ئي بئنڪ ملي ويئي. ان طرح اسين هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ لڳاسين.

رام اٿين ته شڪل شبيهه ۾ سهڻو نوجوان هو، ليڪن سمجهه ۽ ڦڙتائيءَ ۾ گهٽ هو. انڪري هو بيحد لڄارو لڳندو هو ۽ جڏهن به سامهون ڏسندو هو ته پيو ڪندون پاسا ڪندو هو. هڪ دفعي چيڪ ڏيڻ

ڪي ڪجهہ ٿي پوي تہ رام جو ڇا ٿيندو؟ ڪيس تہ پينشن ملندي ڪونہ. ڪير سندس سنڀال لهندو؟' مون ڀرپور پيرو محسوس ڪيو تہ اِها ئي ڳالهہ سندس چنتا جو ڪارڻ هئي.

مون پنهنجي هوشياري ڏيکاريندي چيو، 'پلا، ڪو ڌنڌو نئا ڪرايوس. آخر نوڪريءَ ۾ رکيو بہ ڇا آهي؟ ڳڻي ڳٽائي پگهار ملندس. ان ۾ تہ ڪا برڪت آهي ڪانہ.'

'ڌنڌي ڌاڙيءَ لاءِ کپي هڪ عقل ۽ ٻيو پئسو. عقل تہ هن وٽ آهي ڪونہ جو ڌنڌو سنڀالي سگهي ۽ پئسو بہ مون وٽ آهي ڪونہ جو سيڙائي سگهان. سندس مميءَ جي علاج ۾ سڀ ميڙي چونڊي ختم ٿي ويئي؛ هٿان بئنڪ مان ڪيترا قرض ڪنيا اٿم جي وينو اچ سوڌو لاهيان.' اِهو جواب ڏيئي مونواٽي مايوس ٿي ويو. مون کي لڳو مونواٽيءَ جو مسئلو ڪافي پيچيدو هو. شانتيءَ کي ٽوڙيندي مون چيو، 'بئنڪ ۾ رهندي هيتري ڄاڻ پڇاڻ ڪئي اٿوَ، هيترن جا ڪم ڪيا اٿوَ، ڪنهن کي چئو چاءِ ڪرائي رام کي نوڪري ڏياري سگهو ٿا.'

منٿ بہ من ۾ سوچڻ ڪانپوءِ مونواٽيءَ چيو، 'زمانو اڄڪلهہ بيحد خراب آهي. هي سيٺيون، ڌنڌوڙي ۽ هي ڪارخاني وارا صرف وٺي ڄاڻن. ڏيندا تڏهن آهن جڏهن ڏيڻ ۾ بہ سندن فائدو هوندو آهي. مان ڪنهن نہ ڪنهن کي چئي سگهان ٿو، ليڪن ڊپ اٿم تہ موٽ ۾ هو اُهو ڪجهہ نہ گُهري وٺي جو هوند مان ڪيس ڪڏهن بہ ڏيڻ نہ چاهيان.'

مونواٽيءَ جو اِشارو صاف ظاهر هو تہ هن پنهنجي ايمانداريءَ تي ٽِڪو لڳائڻ نہ ٿي چاهيو. ان نراليءَ شخصيت سبب منهنجي من ۾ مونواٽيءَ لاءِ عزت ڪئي گُڻا وڌي ويئي. مان ڪانئس موڪلائي گهر آيس، ليڪن سوچيندو رهيس تہ هيءُ بہ هڪ شخص آهي جو پرشٽاچار جي ڌٻڻ ۾ رهندي بہ هڪ ڪمل جي گُل جيان ڪيڏو نہ نرليپ بيٺو آهي.

رام جي نوڪريءَ جي ڪوشش هلندي رهي. هوُ نوڪريءَ جون درخواستون موڪليندو هو، ڪٿان جواب اَچي ڪٿان ڪونہ. ڪڏهن

هڪ ڏينهن صبوح صبوح جو رام اَچي دروازي وٽ بيٺو. سندس هٿ ۾ رومال سان ڍڪيل پليٽ هئي، جا مون ڏانهن آڇيندي هن چيو، ’انڪل، مان بي. اي. ۾ پاس ٿيو آهيان، هيءَ مٺائي کائو.‘ مون کان خوشيءَ ڀري چيخ نڪري ويئي، ’آڙي واهه! اِها تہ ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. هاڻي تہ موتواڻيءَ کي اَجائي چنتا نہ ڪرڻ گهرجي.‘

ڪجهہ دير کان پوءِ موتواڻي جڏهن آفيس وڃڻ لاءِ هيٺ لٿو تہ مون کيس اِشاري سان سڏ ڪيو. هوءَ پرسان آيو ليڪن خوش نظر ڪونہ ٿي لڳو. مون چيو، ’موتواڻي، اڄ تہ توهان کي شادمانا ڪرڻ کپن، رام امتحان ۾ پاس ٿيو آهي.‘ موتواڻيءَ بي اتساهہ آواز ۾ جواب ڏنو، ’ٿرڊ ڊويزن ۾ پاس ٿيڻ بہ ڪو پاس ٿيڻ آهي. نوڪري تہ ڪانہ ملندس ڪانہ.‘ ان ڏينهن يا تہ کيس آفيس جلد پهچڻو هو يا هن پنهنجي نا اميديءَ جو وڌيڪ اظهار ڪرڻ نہ ٿي چاهيو، ان ڪري هوءَ جلد ئي هليو ويو.

خبر ناهي ڪهڙي ڪارڻ منهنجي من ۾ هن دکي پريوار لاءِ همدردي وڌڻ لڳي هئي. مون چاهيو ٿي تہ رام کي ڪٿي نوڪري ملي وڃي جئن موتواڻيءَ جي من جي چنتا دور ٿي وڃي.

هڪ ڏينهن ڪنهن ڪم سانگي وڃي سندس آفيس ۾ پهتس. جهٽ اندر گهرائي ورتائين. چانهہ اَچي ويئي ۽ اسين پيئڻ لڳاسين. مان پڇي ويٺس، ’ڪئن، رام جي نوڪريءَ جو ڪجهہ ٿيو؟‘ موتواڻيءَ ڊگهو ساهہ کڻندي چيو، ’شرماجي، اڄڪلهہ نوڪريون ملن ڪٿي ٿيون؟ آهن تہ انهن لاءِ آزمودو گهرجي، سٺي ڊويزن گهرجي ۽ پهچ گهرجي.‘ هن چيو تہ سچ ٿي، انڪري مان چپ رهيس. ٿوري دير کان پوءِ خود ئي چيائين تہ ٻن چئن هنڌ درخواستون موڪليون آهن، ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي، مان چانهہ پيئندو رهيس. چانهہ پوري ٿيڻ تي موتواڻيءَ سنجيدگيءَ ڀريئي آواز ۾ چيو، ’مان تہ ڇهن مهينن کانپوءِ رٽائر ٿي ويندس. پينشن تہ ڪٿي ملندي؛ ليڪن زندگيءَ تي ڪهڙو ڀروسو! مون

رهيا آهيو.' مون کي هندستان جي اتهاس ۾ بادشاهه بابر جي قربانيءَ جو قصو ياد اَچي ويو جنهن پنهنجي پٽ جي جان بچائڻ لاءِ پنهنجي جان جي قرباني ڏني هئي!

ٻن ڏينهن کان مونواٽي آفيس ڪونہ ٿي ويو. پڇڻ تي معلوم ٿيو تہ کيس بخار هو. مون سمجهيو بخار کنگهہ زڪام تہ رواجي ڳالهہ آهي، هر ڪنهن کي پيو ٿئي. ليڪن ان ڏينهن رام سهڪندي سهڪندي اَچي دروازو کڙڪايو. چيائين، 'دادا کي اَلائي ڇا ٿو ٿئي، توهين جلد هلو.' هو وڌيڪ ڪجهہ سمجهائي نہ سگهيو. مان بہ ٽڪڙو ٽڪڙو چڙهي اَچي مٿي پهتس. ڏٺم تہ مونواٽي پلنگ تي ڄڻ لڇي رهيو هو. منهنجي پڇڻ تي پنهنجي سيني تي هٿ رکي ٻڌائڻ تي چاهيائين تہ اُتي کيس درد هو. مون سندس مٿي تي هٿ رکيو تہ پسيني سان ڇل هو. مون کي سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي تہ کيس هارٽ اٽئڪ جو ڏورو پئجي چڪو هو. مون جهٽ فون ڪري ڊاڪٽر کي گهرائي ورتو جنهن ڏسڻ سان چيو تہ مونواٽيءَ کي اسپتال ۾ کڻائي هلڻ گهرجي. امبولنس لاءِ فون ڪيو ويو ليڪن جيستائين امبولنس اچي ان کان اڳ ئي مونواٽي شانت ٿي ويو ۽ اسين صرف ڏسندا ئي رهجي وياسين. زندگي ۽ موت جي وچ ۾ صرف سُئيءَ جيترو فاصلو آهي، تنهن جي ڄاڻ ان ڏينهن پيئي!

شام جو جڏهن مونواٽيءَ جي مرت شرير مٿان شرڌا جا ڦول تي چاڙهيا ويا تڏهن مان چپ چاپ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي ڏانهنس نهاري رهيو هوس. اڄ چنتا بجاءِ سندس چهري تي وشواس جي گهري ڇاپ ٿي نظر آئي. سندس چپن تي هلڪي مرڪ هئي، ڄڻ چوڻ ٿي چاهيائين، 'ڏٺئہ، مون چيو ٿي نہ تہ هڪ رستو آهي جو رام کي نوڪري ملي سگهي ٿي. مان هاڻي نشچنت آهيان.'

ٻن مهينن کانپوءِ رام کي بئنڪ مان نوڪريءَ جو آرڊر اَچي ويو ۽ هو اسانجو مڪان ڇڏي ٻئي شهر هليو ويو.

F. H/202 Scheme 54, Vijai Nagar,
INDORE - 452010

ڪٿان انٽرويو آيو تہ رام خوش ٿيندو اَچي ٻڌائي ويندو هو. ائين ڪو انٽرويو نوڪريءَ ۾ بدلجي وڃي، اَهڙي ڳالھ ڪڏهن ڪونہ ٿي. ان ۾ ڪنهن حد تائين خود رام جو بہ قصور هو. سندس سمجھ اڇا ڀاراٿي هئي. هلڻ چلڻ ۾ ڍلو ڍالو ۽ سوال جو جواب ڏيڻ ۾ بيحد ڪچو. ڪڏهن ڪڏهن تہ انٽرويوءَ ۾ چپ ئي وينو رهندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين ئي موٽي ايندو هو. شايد وشواس جي ڪمي هئي يا احساس ڪمتريءَ جو ڀاؤ.

موٽواٽيءَ جي رٽائر ٿيڻ جا ڏينهن ويجهو اَچڻ لڳا. هڪڙي ڏينهن منهنجي ڪمري ۾ گهڙي آيو. بيحد پريشان ٿي لڳو. شايد پنهنجي پريشاني مون سان ونڊڻ ٿي چاهيائين. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٿيڻ کانپوءِ اَچي رام جي نوڪريءَ جي ڳالھ نڪتي. موٽواٽيءَ چيو، ’مان تہ هاڻي آسرو ڇڏي وينو آهيان تہ ڪو هن کي نوڪري ملندي. هن سڌي سادي ڇوڪري کي ڪير پاڻ وٽ رکندو؟ مون کي تہ هاڻي اِها ئي ڳڻتي آهي تہ جيڪڏهن اوچتو مون کي ڪجھ ٿي پوي تہ هن جو ڇا ٿيندو؟ ڪير مٿانئس هٿ رکندو يا سنڀال ڪندو. هن اوپري دنيا ۾ هو اڪيلو ڪيئن رهي سگهندو ۽ سو بہ نوڪريءَ کانسواءِ؟‘ چوندي چوندي سندس دل ڀرجي آئي. مون ڏنو سندس اکيون آليون ٿيڻ لڳيون هيون. مون کيس همٿ ڏياريندي چيو، ’موٽواٽي، توهان هرويرو ائين ڇو ٿا سوچيو؟ ڪجھ ڀروسو رکو، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.‘

مون کي جواب ڏيڻ بجاءِ هو ڪجھ وقت سوچيندو رهيو ۽ پوءِ اوچتو ئي اوچتو ڊگهو ساھ کڻندي چيائين، ’هڪ رستو آهي جو کيس نوڪري ملي سگهي ٿي!‘ مان عجب مان ڏانهنس نهاريندو رهيس ۽ جيستائين ڪجھ چوان چوان ان کان اڳ مايوس ٿيندي موٽواٽيءَ چيو، ليڪن مرڻ ڇا پنهنجي وس ۾ آهي؟‘

مون وري بہ کيس سمجهائيندي چيو، ’توهين بلڪل ئي غلط سوچي رهيا آهيو. پٽ ۾ سيني کي موھ ٿيندو آهي، اِهو سڀاويڪ آهي، ليڪن توهان تہ حد ڪري ڇڏي! موھ وس ٿي توهان بيڪار جي چنتا ڪري

ڇڏيا آهن ۽ هتان جي الڳ الڳ ٻولين ۾ شايد ٻه ٻوليون اهڙيون آهن، جن جو اثر اڄ ٻه هتان جي الڳ الڳ ٻولين ۾ لکيو ويندڙ ادب تي چٽو نظر اَچي ٿو، اهي ٻه ٻوليون آهن هندي ۽ فارسي. سنڌي ٻوليءَ جي اُپرندي هنديءَ جو اثر رهيو آهي ته اُلهندي پاسي فارسيءَ جو اثر رهيو آهي، اهو اسان کي سنڌ جون شعري روايتون پڌائين ٿيون. ضرور ٻين ننڍين وڏين مقامي ٻولين ۾ به پنهنجا اثر ڇڏيا هوندا آهن پر ايڏي وڏي انداز سان نه جيڏي انداز سان متين ٻن ٻولين.

برصغير ۾ انگريزن جي اچڻ کانپوءِ اڪيلي ٻولي انگريزي ئي آهي، جنهن هن خطي جي سڀني ٻولين ۾ لکيو ويندڙ ادب ۾ وڏو دخل ڏنو آهي. جيتوڻيڪ ان دخل جا اثر نقصان بجاءِ فائدو ڏيندڙ ئي رهيا آهن (هن راءِ سان سهمتيءَ يا اسهمتيءَ جو اختيار هر سنڌيءَ ليکڪ وٽ محفوظ هجڻ گهرجي)

انگريز راڄ ۾ هتان جي مڙني لکت ۾ ايندڙ ٻولين کي قانوني طور وڌڻ ويجهڻ جا موقعا ڏنا ويا. انهن جي الفابيٽ جي نئين سر جديد ترتيب ڏاهي، انهن جي لکڻ پڙهڻ کي نه فقط ضروري ڄاتو ويو پر قانوني طور انهن کي لکڻ پڙهڻ لازمي قرار ڏنو ويو. اهڙي عمل نه رڳو انهن ٻولين کي تحفظ ڏنو پر انهن ۾ ڪجهه به تخليق ڪرڻ کي فخر سان ڏٺو ۽ سمجهيو وڃڻ جو احساس جاڳايو ويو.

انگريز راڄ ۾ دنيا جي وڏي حصي ۾ تخليق ٿيندڙ ادب کان هتان جي لکندڙ کي روشناس ٿي، انگريزيءَ معرفت عالمي ادب جو هتان جي مقامي ٻولين ۾ ترجمو ٿيڻ ڪري، هتان جي ٻولين جي ادب ۾ نين روايتن سان گڏ نيون صنفون ۽ هيئتون به آيون جيڪي هتان جي لکندڙن ڪجهه تجرباتي طور ته ڪجهه فخريا طور لکڻ شروع ڪيون، جنهن ڪري هتان جي ليکڪ کي نون ويچارن سان گڏ نين ادبي/ شاعراڻين صنفن ملڻ جي ڪري وسيع معنيٰ ۾ فائدو ئي رسيو. انگريزيءَ معرفت ئي اسان وٽ جرمن، فرينچ ۽ اولهه جي ٻين ٻولين جو ادب آيو.



ليک/ رکيل مورائي

سنڌي ترائيل جو اتهاس ۽ هري دلگير

تازو سنڌي ٻوليءَ جي هڪڙي شاعر دادا هري دلگير جو ڪتاب ڇپيو آهي. 'گاهه ڪليا گس گس'. ٢٠٠٢ع ۾ ڇپجندڙ هيءُ ڪتاب سنڌي شعري ادب لاءِ نهايت اهم ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب دادا هري دلگير جي زندگيءَ ۾ ڇپيل، سندس آخري ڪتاب آهي ۽ هن ڪتاب جي خاص اهميت هيءَ آهي ته هيءُ ڪتاب نجو ترائيل جو آهي. اُن ڪري هي 'ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيو ويندڙ پوين پنجاهه ڪن سالن جي ترائيل بابت هڪ نئين اَڀياس لکڻ لاءِ اُتساهي ٿو.'

منهنجي نهيءَ لاءِ ترائيل هڪ اڻڄاتل جهڙي ڄاتل صنف رهيو آهي. تازو جڏهن هيءُ ڪتاب مُنهنجي اکين اڳيان آيو آهي ته ڄڻ منهنجي لاءِ علمي، ادبي طور اتساهه کڻي آيو آهي. جنهن سبب ئي هن ڪتاب کي کڻي سنڌيءَ ۾ لکيو ويندڙ ترائيل جي پنجاهه ڪن سالن جي ننڍي اتهاس ۽ ارتقا بابت هيءُ ننڍڙو ليک لکڻ لڳو آهيان. هن ليک جو اَهم هجڻ يا غير اَهم هجڻ جو تعلق سنڌي شاعريءَ جي صنفن جي ننڍڙي اتهاس بابت ڪجهه به اهم يا غير اهم لکڻ سان ڄاتو وڃي. ٻي طرح ڪجهه به ڪيئن به ۽ ڪيترو به لکڻ جو اهم يا غير اهم هجڻ وقت تي ڇڏيل آهي. ڇو ته ڪنهن وقت ۾ ڪجهه به اهم لکيل، وقت گذرڻ کان پوءِ غير اهم بڻجي ويندو آهي ۽ ڪنهن وقت ۾ غير اهم لکيل/ سمجهيو ويندڙ وقت گذرڻ کانپوءِ اهم ترين سمجهيو ويو آهي. اهو اسان کي ادب جي عالمي تاريخ ٻڌائي ٿي.

هتان جي ادبي تاريخ اسان کي اهو پڻ ٻڌائي ٿي ته ننڍي کنڊ ۾ رهندڙ سيني قومن جي ٻولين ۾ لکيو ويندڙ ادب هڪٻئي تي گهرا اثر

باهر مان، پاڻيءَ مان ۽ روشنيءَ مان. ڪوبہ گروهہ، ڪابہ قوم، ڪوبہ ملڪ اهڙي دعويٰ ڪونہ ڪندو تہ مٿيون نعمتون اسان لاءِ مخصوص آهن، تيئن ادب لاءِ بہ چئي سگهجي ٿو، پر ادب لاءِ هڪ دعويٰ آهي، جيڪا اهم بہ آهي تہ اهو اول ان ٻوليءَ جو آهي، جنهن ۾ اهو پهرئين لکيو ويو آهي. تنهن هوندي بہ اها هڪ ننڍڙي سرحد آهي جنهن کان ٻاهر اهو سڄي انسان ذات جي گڏيل ميراث آهي.

ائين آنءُ ترائيل کي شيخ اياز جي ڪتاب 'چنڊ ڳليون' اچڻ کانپوءِ سنڌي شاعريءَ جي ميراث هجڻ جي ننڍڙي پر اهم سَڌَ سانڍي رهيو آهيان، ڪجهہ بہ هجي مون کي ترائيل جي اتهاس بابت کوج ٻڌائي ٿي تہ، ترائيل سنڌيءَ ۾ پهريون ڀيرو ١٩٥٤ع ۾ لکيو ويو ۽ اُن جو پهريون لکندڙ هري دلگير صاحب آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي نفيس ۽ حسين شاعر نارائڻ شيام لکيو آهي ”سنڌي ترائيل جو پهريون تجربو جنهن ڪيو اهو هو هري دلگير جنهن ١٩٥٤ع ۾ سنڌ مان هڪ دفعي مون ڏانهن بہ ترائيل لکي موڪليا هئا، مون لاءِ ان وقت اها بلڪل نئين چيز هئي، فقط نئين نہ پر هڪ خوبصورت چيز پڻ.“

نارائڻ شيام جي مٿينءَ راءِ جي تصديق خود سنڌي ترائيل جي جنم داتا هري دلگير صاحب هيئن ڪئي آهي ’ترائيل سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئين ۽ پياري صنف آهي. جنهن کي سنڌي ادب ۾ پهريون ڀيرو مون ١٩٥٤ع ۾ لکيو هئو، جو پوءِ سنت ٿي سنڌ جي مشهور مخزن ’مهراڻ‘ ۾ شايع ٿيو هئو. سنڌيءَ ۾ ترائيل جو جنم ٿيو تہ اُن کي سنڌيءَ جي سينئر شاعرن نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز اپنايو.‘

سنڌيءَ ۾ ترائيل جي آمد بابت سنڌي ٻوليءَ جي ماهر محترم هدايت پريم جو چوڻ آهي تہ ’ترائيل فرانس جي هڪ مقبول نغمي جو فارم آهي. منجهس آٺ مصرعون ۽ ٻہ قافيا ٿيندا آهن، جن کي چئين چئين مصرعن جي ٻن بندن ۾ ورهايو وڃي ٿو‘ ترائيل جي فرينچ

جنهن اسان جي لکندڙ توڙي پڙهندڙ جي ذهن کي هڪ نئين روشنيءَ کان واقف ڪيو ۽ مون جي ذهن جا ڪيئي نوان رُخ روشن ٿيا.

ائين جيڪڏهن اسان فقط سنڌي ٻوليءَ ۾ آيل خاص ڪري، سنڌي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل صنفن جي اڀياس کي جاچيندا سين ته اسان کي چٽو نظر ايندو ته اهو هنديءَ کان ٿيندو سنسڪرت تائين پهچي ٿو. سنڌي 'بيت' سورٺي جي شڪل جو آهي. جيڪو پڻ هندي آهي. پنائيءَ وٽ آيل 'وائي' ٻلا شاهه جي ڪافيءَ جو تسلسل آهي. ائين اسان وٽ غزل فارسيءَ معرفت آيو. اها بي ڳالهه آهي ته مٿيون مڙئي صنفون سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ جو ساهه وٺي ان جو اولاد سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪرڻ لڳيون آهن ۽ ائين ادب/ٻوليون هڪٻئي جو اثر قبولينديون به آهن ته هڪٻئي تي اثر وجهنديون به آهن. اهو ارتقا جو اصول رهيو آهي. جيڪا هڪ اتهاسڪ حقيقت پڻ آهي. جنهن کان انڪار ادبي اتهاس جي ارتقا کي نه مڃڻ جهڙي عظيم غلطي ٿيندي.

اسان وٽ انگريز دور ۾ ئي 'نظم' ۽ 'آپيرا' آيون جيڪي ٻئي صنفون بنيادي طور مغرب جون شاعرائيون صنفون آهن، سانيٽ ته نِج انگريزي شاعريءَ جي صنف آهي، جنهن تي سنڌيءَ ۾ تجربا به ڪيا ويا آهن پر اڃتي هلي اُن صنف اُها مڃتا نه ماڻي جيڪا اُن ڪانپوءِ جپان مان آيل صنف 'هائيڪو' ماڻي ۽ اڄ ڪلهه فرينچ جاڻائي ويندڙ صنف 'ترائيل' ماڻي رهيو آهي. منهنجي جاچنا موجب ترائيل فرينچ صنف نه آهي جيڪو بحث ئي هن مضمون جو مول مقصد سمجهڻ گهرجي.

مان شيخ اياز صاحب جي راءِ کي اڄ جي تاريخ تائين سچ سمجهان ٿو. هن لکيو آهي ته 'در اصل ادب جو سارو ورثو بين الاقوامي ورثو آهي.'

شيخ صاحب سان سهمتيءَ کان اڳ هيءَ ته واقعي ئي ادب انسان ذات جو هڪ اهڙو گڏيل ورثو آهي، جيڪو هر گروهه، هر ملڪ لاءِ هڪجهڙو ۽ هڪ جيترو ڪارائتو آهي. اُن مان سڀ انسان هڪجهڙو ۽ هڪ جيترو فيض حاصل ڪري رهيا آهن، جيئن سج مان، چنڊ مان،

معتبر ۽ اهم آهي جو هو ئي ترائيل جي سنڌي شاعريءَ ۾ آڳيندڙ آهي، سندس راءِ سنڌي ادب/شاعراڻي ادب ۾ يقينن سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي، دلگير صاحب جي ترائيلن تي ڪجهه به لکڻ کان اڳ لازمي طور، هن صنف کي جيئن ته هن ئي سنڌيءَ ۾ آندو آهي، ان ڪري اڄ جي نوجوان لکندڙن کي سڃاڻ رکڻ لاءِ آنءُ سندس ويچار ڏيڻ چاهيندس، جيڪي ويچار ڪنهن به صنف کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ آڻڻ لاءِ اتساهه جو سبب بڻجن ٿا/پيدا ڪن ٿا، هري دلگير صاحب لکي ٿو ته:

’ترائيل اٺن سٽن جي ننڍي ڪوتا آهي، جنهن ۾ پهرين مصرع جو دهراءُ ٽي دفعا ۽ ٻي مصرع جو دهراءُ ٻه دفعا ٿيندو آهي. دهراءُ حساب ۾ نه آڻجي ته باقي پنج سٽون ئي ترائيل ۾ بچنديون، هن ڪوتا ۾ دهراءُ اهڙي ڪاريگريءَ ۽ ڪشلتا سان هئڻ گهرجي، جو پاٺڪ کي ان مان لطف حاصل ٿيڻ گهرجي ۽ سندس دل ۾ اهو احساس پيدا ٿيڻ گهرجي ته اهو دهراءُ بلڪل ضروري ۽ اٽر آهي. ترائيل(Triolet) جو بگڙيل يا بدليل روپ آهي. ترائيل اصل ۾ اٽليءَ جي ڪوتا آهي، جا پوءِ انگريزي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ اپنائي ويئي، ٻين ٻولين به هن صنف کي ضرور اپنايو هوندو.‘

سچ اهو آهي ته هري دلگير جو سنڌيءَ ۾ ترائيل کي آڻڻ سنڌي شاعريءَ جي گلدستي ۾ هڪ وڌيڪ خوبصورت ۽ سُگنڌ پرئي گل جو اضافو آهي. هن ڪانپوءِ ٻين سنڌي شاعرن هن سگنڌ کي اڃا وڌيڪ ڦهلايو آهي ۽ اهڙو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

نارائڻ شيام کان وٺي شيخ اياز، امداد، لڇمڻ ڪومل، تاجل بيوس، ميرمحمد پيرزادي ۽ تاج جوئي تائين، جن به سنڌي نقادن/شاعرن ترائيل بابت لکيو آهي، انهن سڀني سنڌي ترائيل جو باني هري دلگير صاحب کي ئي ڪوٺيو آهي. پر حيرت جي ڳالهه آهي ته هيڏي ڊگهي عرصي ۾ نه هن صاحب جو ڪو ترائيلن جو ڪتاب آيو ۽ نه ئي ترائيل بابت سندس ڪا راءِ. جيتوڻيڪ سنڌي ترائيل جو جنم داتا هري دلگير

صنف هجڻ بابت ڪيترائي اهم توڙي غير اهم رايا زباني توڙي لکت ۾ اڄ تائين لڳاتار ايندا رهيا آهن. شيخ اياز صاحب جي ڪتاب ’چنڊ ڳليون‘ جي اچڻ تائين ترائيل غير يقيني طور فرينچ صنف ڄاڻايو ويو آهي. اياز صاحب پنهنجي ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته ’ترائيل فرينچ شاعريءَ جي صنف آهي‘ تفصيل لکندي اياز صاحب لکي ٿو ته ’اسان ترائيل جو فارم اردوءَ تان ورتو آهي، ڇا اُن جو انگريزيءَ ۾ اُچار (Troilet) آهي؟ ۽ مونکي اهو لفظ ڪنهن ڊڪشنريءَ ۾ نظر نه آيو آهي ۽ نه ئي ڪوليئرس انسائيڪلوپيڊيا ۾.‘

ائين ڇوڻ ۾ ڪنهن به قسم جو وڌاءُ نه ٿيندو ته سنڌي شاعرن ۾ شيخ صاحب جو عالمي ادب جو مطالعو موجوده سڀني سنڌي شاعرن کان وسيع هئو. سندس اُن وسيع مطالعي جي آڌار تي ترائيل بابت هڪ راءِ هيءَ به آهي ’مون ڪافي فرينچ ادب انگريزي ۽ اُردوءَ ۾ ترجمي جي ذريعي پڙهيو آهي، پوءِ به مون کي اُردو ترائيل جو ترنم پسند آيو آهي. جو انگريزي يا فرينچ ترائيل وانگر نه آهي. اُن جو فارم برابر ساڳيو آهي پر ترنم ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.‘

اياز صاحب جي مٿين بنهي راين مان اها ڳالهه واضع طور محسوس ٿئي ٿي ته ترائيل اصل ڪهڙي ٻوليءَ جي شاعراڻي صنف آهي، اُن بابت ڪا مستند راءِ عالمي ادب ۾ سندس لکڻ تائين سامهون نه آئي هئي، جڏهن ته سنڌي ترائيل جي باني هري دلگير صاحب جو ڪتاب ’ڳاهه ڪليا ڳس ڳس‘ ٢٠٠٢ع ۾ شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ هن واضع طور ڄاڻايو آهي ته ترائيل اصل ۾ اٽالين ٻوليءَ جي شاعراڻي صنف آهي. ترائيل بابت اڄ جي تاريخ تائين سنڌيءَ ۾ توڙي عالمي ادب ۾ هري دلگير صاحب جي راءِ جهڙي راءِ ٻي ڪا به نه آئي آهي. جيڪڏهن ائين هجي ها ته اياز صاحب جهڙو گهڻ پڙهيو شاعر ضرور اُن جو حوالو ڪٿي ها!

هري دلگير صاحب جي ترائيل بابت مٿين راءِ ان ڪري به نهايت

آهن، اهي هنديءَ جي ڪنهن ڏکي چند تي آهن، سچ اهو ئي آهي ته هنن ترائيلن ۾ به ڊاڪٽر صاحب جو اسڪالر اُيري آيو آهي، شاعر ڪان وڌيڪ!

شيخ اَياز صاحب جي ڪتاب ’چنڊ ڳليون‘ شايع ٿيڻ ڪانپوءِ اهو احساس ئي ختم ٿي ويو آهي ته ترائيل ڪا ٻاهرين صنف آهي، بلڪل هائيڪو/تيڙوءِ وانگر هيءَ صنف به سنڌي ٿي وئي آهي. اُن جو اهم سبب هيءُ آهي ته شيخ اياز صاحب پنهنجي ترائيلن ۾ هڪ نئون تجربو ڪيو آهي، اهو تجربو هيءُ آهي ته هن ترائيلن جي ٽن سٽن کي ٽريول نه ڪرايو آهي ۽ فقط قافيي کي استعمال ڪري فارم جي پورائي ڪئي آهي. مروج فارم ۾ ترائيل جي پهرين سٽ، چوٿين سٽ جي جڳهه تي دهرائبي آهي ۽ ساڳي طرح پهرين سٽ ۽ ٻين سٽ ستين ۽ اَٺين سٽ جي جڳهه تي آٺبيون آهن. اَهڙيءَ طرح سان پهرين سِٽ ۽ ٽين سِٽ هم قافيي هونديون آهن ۽ ٻين سِٽ ۽ ڇهين سٽ هم قافيي هونديون آهن. مثال طور هري دلگير صاحب جو ترائيل آهي.

جي ڦل ڏيندين وٺندس آنءُ
ڪرم سچو ارپيان ٿو توکي
ڦل نه ڪڏهن پيو گهرندس آنءُ
جي ڦل ڏيندين وٺندس آنءُ.

ڪڙو مٺو سڀ چکندس آنءُ
ڪرم ڪندي پوڄيان ٿو توکي
جي ڦل ڏيندين وٺندس آنءُ
ڪرم سچو ارپيان ٿو توکي.

ترائيل جي نئين تجربي کي سمجهڻ لاءِ اياز صاحب جو هيءُ ترائيل پڙهي ڏسجي.

صاحب آهي ۾ سنڌي ترائيلن جو پهريون ڪتاب ڏهليءَ ۾ رهندڙ سنڌيءَ ۾ نئين ڪوتا جي نهايت سگهاري شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناٽڪ نويس سرڳواسي هريڪانت جيٺواڻيءَ جو شايع ٿيو. ’پرهه کان پهرئين‘ جيڪو سنڌي ترائيل جو پهريون ڪتاب آهي، جيڪو ١٩٦١ع ۾ ڇپيو ۽ جنهن ۾ (٦٢) ترائيل آهن. هريڪانت جي ترائيلن ۾ زندگيءَ جي گهڻن ئي مسئلن کي اظهاريو ويو آهي. گڏوگڏ سندس زندگيءَ ۾ ايندڙ ڳڻتنائن کي پڻ، شهري زندگيءَ جي اذيتن کي ته هند جي سنڌي شاعرن هونئن ئي گهڻي باريڪيءَ سان اظهاريو آهي، پنهنجي شاعريءَ ۾، پوءِ اها ڪهڙي به صنف ڇو نه هجي. هريڪانت جو ترائيل مثال طور پيش ڪري رهيو آهيان.

جڏهن پيڙائون تو ڏين، اوڏي سهي شڪتي ڏي
تو ۾ آهين جو وشواس، وڃائي نه ويهان
يا نه ڏک مان به وٺان لطف، اها هستي ڏي
جڏهن پيڙائون تو ڏين، اوڏي سهي شڪتي ڏي.

ظلم سان شرط پڇائڻ جي، مون کي هستي ڏي
ڪنڌ ناڻين نه جهڪيل سِرُ، جهڪائي نه ويهان
جڏهن پيڙائون تو ڏين، اوڏي سهي شڪتي ڏي
تو ۾ آهين جو وشواس، وڃائي نه ويهان

هريڪانت جي ڪتاب ’پرهه کان پهرين‘ کان ٣٤ سال پوءِ ترائيلن جو ٻيو ڪتاب شيخ اياز صاحب جو ’چنڊ ڳليون‘ ١٩٩٥ع ۾ شايع ٿيو، منهنجي مطالعي ۾ آيل ٽيون ترائيلن جو ڪتاب ڏهليءَ ۾ ئي رهندڙ سنڌي ٻوليءَ جي ناميارڙي اسڪالر، شاهه سائينءَ جي شارح، ڪهاڻيڪار ناول نويس ۽ شاعر ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي صاحب جو آهي. جنهن جو نالو آهي ’پاڻ کي ڏس وڌيڪ ۾‘ جيڪو ٢٠٠٠ع ۾ شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ (٥١) ترائيل آهن، جيڪي گهڻن ئي ڳوڙهن مسئلن تي

جنھن مان نئين ترائيل جا ڪيترائي نوان پيچرا نڪرندا ۽ آھڙو وشواس جاڳي ٿو تہ ايندڙ وقت ۾ ھر پيچري تي پنڌ ڪندي ڪيترائي نوان پير نظر اَچن.

نئين تجربي جي حوالي ۾ اياز کان پوءِ ٻيو نالو سنڌيءَ ۾ گيت جي خوبصورت شاعر ميرمحمد پيرزادي صاحب جو آھي. ھن جي ترائيل ۾ بہ شيخ اياز جي ترائيل وانگر ٽي سٽون ٽريول نٿيون ڪن، فقط بہ سٽون ٽريول ڪن ٿيون، جيتوڻيڪ ھيءُ تجربو ھڪ ڏکيائي ڪٽي آيو آھي، جيڪا ھيءَ آھي تہ اياز صاحب جي ترائيل ۾ پھرين سٽ، اٺين سٽ جي جڳھہ تي لھي اَچي ٿي، ھيءُ پڻ ھڪ نئون تجربو آھي، ڪامياب/ناڪامياب، اھو فيصلو وقت تي ڇڏيندي آنءُ ميرمحمد پيرزادي صاحب جو ترائيل ھيٺ ڏيان ٿو.

روح جا ريلا ڏسي راتيون رُنيون
لڙڪ گلڙن جا چون تا ماڪ آ
چانڊنيءَ جون چنڊ پکيڙي ٿو چُنيون
روح جا ريلا ڏسي راتيون رُنيون

پر پکيڙي پوھہ جون ھيرون ڦُنيون
ڪانگ ٻولي چڻ تہ مھڪايون مُنيون
دل ٻٽي ھٻڪار جي ھيراڪ آ
لڙڪ گلڙن جا چون تا ماڪ آ.

ھوئڻ تہ ترائيل کي سنڌس فريم ۾ جنھن شاعر تمام خوبصورتيءَ، نفاست ۽ تازگيءَ سان لکيو آھي، اھو سنڌيءَ جو نھايت معتبر شاعر امداد حسيني صاحب آھي. ترائيل جي ننڍڙي اتھاس ۾ نالن جي ھڪ وڏي لسٽ ڏيڻ منھنجو مقصد بنھہ نہ آھي. چاھيان تہ سوء سوا سو ترائيل ڏيئي مضمون ڊگھو ڪريان، ننڍي علم جي وڏي نماءُ خاطر. اھڙي سوچ کان پاسو ڪندي امداد حسيني صاحب جو ترائيل اوس ڏيڻ چاھيندس جو ھڪ تہ ھو اول اول سنڌي ترائيل لکندڙن مان آھي ۽ ٻيو اھو تہ ھن ترائيل ۾ جيڪا تازگي آندي انھيءَ سنڌي ترائيل کي

رات بارات جيان آئي آ
ائين لڳي ٿو اڄھو ڏولي پھتي
ڏک جي ڏات جيان آئي آ
گيت برسات جيان آئي آ

موت جي مات جيان آئي آ
جيئن چشمو ڦٽي ھولي پھتي
پيار جي جا ٻہ پرولي پھتي،
چانڊني رات جيان آئي آ

ترائيل جي نئين تجربي کي بہ وڏيڪ سمجھڻ لاءِ اياز صاحب جي ھڪ ٻئي ترائيل کي بہ پڙھي سگھجي ٿو، جنھن ۾ فقط ھڪ سٽ کي ڌھرايو ويو آھي، باقي ٻن سٽن کي ڌھرائڻ بدران قافيي جو استعمال ڪري ترائيل جو فارم برقرار رکيو ويو آھي. ھن نئين تجربي مان ائين نٿو وسھجي تہ اھو فارم سان نڀاءُ نہ آھي. ھن جي اندروني ترنم/ربط ۽ ٻاھرين بيھڪ کي مڪمل ترائيل جو روپ ڏنل آھي. اڄا بہ اھو چوڻ وڏيڪ مناسب ٿيندو تہ اھو نئۡ سنڌي ترائيل جو روپ رکي ٿو.

لڳي ٿو ڪوھہ ۾ پاڻي وڏي ويو آھي
جڏھن بہ چيلھہ مٿان تون گھڙو کڻي نڪتين،
ڳلي تي ھير ائين ڇڻ ڪٽي وٺو آھي
ڪڪر ڳجن پيا جيئن تو چڏيو ڳلو آھي

اَڄا تہ چپ ڪٽي سڄ جھانجھرو آھي
جھمي پيو جھڙ تون جڏھن سڪي نڪتين،
اِڄھو ھو ڪُوھہ ھِتان پنڌ ٿورو آھي
لڳي ٿو ڪوھہ ۾ پاڻي وڏي ويو آھي

اَياز صاحب جا اڪثر ترائيل مٿين فارم ۾ آھن ۽ انھن ۾ موضوع جي لحاظ کان ھڪ وڏي ڪائنات سمايل آھي، ايندڙ وقت ۾ نون ترائيل لکندڙن لاءِ ھيءُ ڪتاب ھڪ اھم ترين دستاويز ثابت ٿيندو.

اُيري اَچي ٿو. جيڪو ٽريول ڪندڙ سٽن ۾ رديف جي واڌاري کي ظاهر ڪري ٿو. ’مٿان پئي بوند ٿي برسي‘ رديف طور استعمال ڪيل اَڌ سٽ آهي، هونئن قافيو ’روڪي‘ ۽ ’اوتي‘ استعمال ڪيو ويو آهي. سنڌي ترائيل اڃا هلي ڪهڙن تجرباتي مرحلن مان گذرندو، ان لاءِ اڳوات ڪجهه به نه چوندي آءٌ دادا هري دلگير جي ترائيلن ڏانهن اَچان ٿو.

هري دلگير صاحب جي تازي مجموعي ’ڳاهه ڪليا ڳس ڳس‘ پڙهڻ کان اڳ سنڌس ٻارهن شاعراڻن ڪتابن جي پڙهندڙن کي سُڌ هوندي ته هو صاحب سنڌي شاعريءَ جي مُني صدي سنبري ۽ هن اُن سموري عرصي ۾ اڻ ڳڻيا شاعراڻا تجربا ڪيا آهن.

سنڌس آخري ڪتاب تائين ڪيل شاعراڻن تجربن جو جيڪڏهن سنجيدگيءَ سان اڀياس ڪيو/لکيو وڃي ته هو پنهنجي سمورن همعصرن کان الڳ ٿلڳ، مٿانهون ۽ شاعريءَ جي مني صديءَ جي تاريخ ۾ اهم شخصيت ٿي سامهون ايندو ۽ اهو هڪ الڳ ڪتاب ٿي ويندو، جنهن ڏانهن پڻ جوڳو ڌيان ڏيڻ کپي.

جيستائين سنڌس ترائيلن جو شاعراڻو لهجو آهي ته اهو هن جي پاڻ لاءِ نئون نه آهي. مروج فارم ۾ ننڍڙن، ننڍڙن وزنن تي لکيل هيءَ ترائيل سچ ته مون کي ترائيل کان وڌيڪ ننڍڙا ننڍڙا موهڻا نظم لڳن ٿا، جيڪي سنڌس شاعراڻي سياءَ وانگر سرل ۽ سهنجي ٻوليءَ ۾ پنهنجو اُجرو اُجرو احساس من ۾ پيدا ڪندڙ آهن. جن ۾ نه لفظن جي ڳوراڻ آهي ۽ نه ئي شاعري جي ننڍي فريم ۾ دنيا جهان جي وڏن فلسفن جو وستار سان ذڪر. هن جو اُجرو، نفيس ۽ نازڪ، ساڳئي وقت سچائيءَ جو اظهار هينئَن آهي.

ناري ناري موهڻ واري
هرڪا پيار ڪرڻ جي لائق
ٻالڪڙي پرڻيل يا ڪنواري
ناري ناري موهڻ واري.

پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۾ مدد ڪئي. امداد جا ڪيترائي خوبصورت ترائيل سندس ڪتاب 'هوا جي سامهون' ۾ شامل آهن، پر آنءُ هريڪانت جي نانءُ ڪيل سندس ترائيل ڏيئي هن جي هريڪانت لاءِ پيار ۽ سائڻي وقت مهتا ڪي واضع ڪرڻ تو چاهيان.

هريڪانت جي نانءُ

بيو ته ڪجھ ڪونه اُٿم، لڙڪ اٿم، لفظ اٿم
هڪ ترائيل لکي، نانءِ سندءِ تو ڪريان
تو ڪريان لڙڪ اهو لفظ 'هريڪانت' رقم
بيو ته ڪجھ ڪونه اٿم، لڙڪ اٿم، لفظ اٿم.

ٻوڙيان جو نه پلا خون جگر منجھه قلم
سٽ جي سينڌ ۾ بس رنگ اهو ئي پريان
بيو ته ڪجھ ڪونه اٿم لڙڪ اٿم، لفظ اٿم
هڪ ترائيل لکي نانءُ سندءِ تو ڪريان.

۽ سنڌي ترائيل جو سفر ۲۰۰۲ع ۾ ڇپيل شيخ اياز ۽ تاجل بيوس صاحب جي گڏيل مجموعي 'پکي ساڳي پار جا' ۾ آيل محترم تاجل بيوس صاحب جي هن ترائيل تائين پهچي ٿو. جڏهن ته وچ ۾ پڻ اڻ ڳڻيا شاعر آهن جن ترائيل لکيا آهن ۽ هيءُ آهي تاجل بيوس صاحب جو ترائيل.

پئي آ پينگهه بيرين ۾، پريان رابيل تا جهومن
هوا خوشبوءِ اوتي آ، مٺان پئي بوند تي برسي
وسيهر وار مومل جا، گُلهن تي بيلهه تا جهومن
پئي آ پينگهه بيرين ۾، پريان رابيل تا جهومن

مٺان ڪچنار جا گلڙا، وصل جي ويل تا جهومن
نگاهن وات روڪي آ، مٺان پئي بوند تي برسي
پئي آ پينگهه بيرين ۾، پريان رابيل تا جهومن
هوا خوشبوءِ اوتي آ، مٺان پئي بوند تي برسي

تاجل بيوس جي ترائيل ۾ وري تجربي جو هڪ نئون رُخ سامهون

اندر اندر لاچاري بيزاري آهه
ٻاهر ٻاهر مان ۽ دنيا داري آهه

ٻيو اظهار هن ريت به ڪري سگهجي ٿو، جنهن جو چيڙو وري تصوف/ويدانت تائين وڃي رسي ٿو.

دل جي اندر منهنجو ڏکُ
ٻيا ڏک ڇو واجهايان آنءُ
ڪونه اهو مون سوچو اَڪُ
دل جي اندر منهنجو ڏکُ

مون ۾ ئي منهنجو مارُڪ
ٻيا ڇو پنڌ پڇايان آنءُ
دل جي اندر منهنجو ڏکُ
ٻيا ڏک ڇو واجهايان آنءُ.

۽ مٿين ترائيل ۾ جيڪو اظهار آهي ۽ ان اظهار ۾ جيڪو لڪل شعور آهي، اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته فقط ان سنڌي شاعر وٽ ئي اَچي سگهي ٿو، جنهن باريڪيءَ سان شاهه لطيف کي، سچل کي ۽ ساميءَ کي پڙهيو هوندو. ان شعور کي ئي قديم ڪان قديم ۽ جديد کان جديد شعور چئي سگهجي ٿو. اڄ جيتوڻيڪ ادب ۾ جديد علمن ۽ فلسفي اَچي واسو ڪيو آهي، پر شايد سنڌ جي مٿين ئي سڃاڻپ آهي، غلط يا صحيح.

دريءَ منجهان ٻاهر آڪاش
اُڀ ڪيڏو ڦهليو پيو آهه
من ۾ اُڏرڻ جو احساس
دريءَ منجهان ٻاهر آڪاش

پيڻ ڏيءِ يا پريتما پياري
مان تہ مڙن جو آهيان شائق
ناري ناري موهڻ واري
هرڪا پيار ڪرڻ جي لائق.

ائين تہ سندس وڏي عمر هوندي بہ پنهنجي نوجوان دل رکڻ جو اظهار بہ نهايت سادگيءَ ۽ سچائيءَ سان ڪري ٿو. ڏٺو ۽ پڙهيو ائين ويو آهي تہ هر لکندڙ ڄاڻ کي وقت سان گڏ عمر وڌڻ جو دليل گهڙي پنهنجو مطالعو ۽ مشاهدو گهڻو هئڻ جي دعوائون ڪندي، گنڀير هجڻ جو ناٽڪ ڪيو آهي، پر اسان جو هيءُ معصوم شاعر پنهنجي اظهار ۾ بہ اهڙو معصوم لڳي رهيو آهي، جو مٿس پيار اَچي ٿو.

عمر وڏي ٿي مان نہ وڏان ٿو
دل جو جوڀن قائم آهي
لکڻ پڙهڻ ۾ لين رهان ٿو
عمر وڏي ٿي مان نہ وڏان ٿو

ڀونرو بڻجي لُطف وٺان ٿو
دل جو گلشن قائم آهي
عمر وڏي ٿي مان نہ وڏان ٿو
دل جو جوڀن قائم آهي.

مٿين ترائيل ۾ ظاهري هڪ احساس آهي، جيڪو تخليقڪار جي من ۾ پيدا ٿيو آهي، پر ان جي اندر هڪ اڻ لکو اعتراف پڻ آهي جنهن کي ڪٿي ڪنهن بہ نقاد کي گهڻوئي ڪجهہ لکڻ لاءِ مواد ميسر ٿي سگهي ٿو. سنڌي شاعريءَ کي احساساتي طور پرکيو وڃي تہ دادا ليڇمڻ ڪومل جي غزل جون هي بہ سٽون پڻ گهڻي وزن واريون آهن.

جي جنم ڏاتا شاعر جڻ ڪتاب ’ڳاهه ڳليا ڳس ڳس‘ جي آخري ترائيل
کي پنهنجي زندگيءَ جي آخري لکڻي ڪوٺيو هجي. يا هو اڻ سڌيءَ
طرح جڻ اهو قبول ڪري چڪو هجي تہ هيءُ سندس آخري ڪتاب
آهي ۽ مان هن مضمون جون آخري سٽون پڻ هن ترائيل کي ڀانيان ٿو.

هاڻ مان ننڊ ڪرڻ چاهيان ٿو
روز جان سار لهج او سائين
دل کي ڀينا ۾ ڏرڻ چاهيان ٿو
هاڻ مان ننڊ ڪرڻ چاهيان ٿو

سائين مان تنهنجي شرڻ چاهيان ٿو
شال هيءُ لفظ پڄن تو تائين
هاڻ مان ننڊ ڪرڻ چاهيان ٿو
روز جان سار لهج او سائين.

حوالي ۾ ايندڙ ڪتاب:

١. پرهه ڪان پهرين	هريڪانت
٢. چنڊ ڳليون	شيخ اياز
٣. پاڻ کي ڏس وديهه ۾	موتيلال جوتواڻي
٤. ڳاهه ڪليا ڳس ڳس	هري دلگير
٥. پکي ساڳي پار جا	اياز/تاجل
٦. هوا جي سامهون	امداد حسيني
٧. سنڌي ادب	سنڌالاجي ١٩٩٨
٨. ليار نيڻن ۾ ڦنا	مير محمد پيرزادو

Flat-22, Block (K)
A1-Asif Square,
Sohrab Goth, Karachi (SINDH)

جسمُ جُهريل ۽ ڦوليل سواسُ
تہ بہ اُڏرڻ تي منُ تيو آهِ
دريءَ منجهان ٻاهر آڪاسُ
اُپ ڪيڏو ڦهليو پيو آهِ.

آنءُ مٿي لکيل پنهنجي جملي کي ڏُهرائڻ تي مجبور ٿي پيو آهيان تہ ’شاعري انسان ذات جو گڏيل ورثو آهي‘ مٿيون ترائيل اهو احساس جاڳائي ٿو تہ دنيا جي ڪنهن بہ گهر جي دريءَ مان ٻاهر نظر ايندڙ آڪاش اهڙو اُجرو آهي، جنهن ۾ جهريل جيءُ ۽ سواس ڦوليل هجڻ باوجود من ڪبوتر وانگر اُڏڻ چاهي ٿو.

مان سمجهان ٿو تہ اهو احساسُ ماريارِلڪي کان وٺي احمد سولنگي تائين مڙني شاعرن کي ائين ئي اندر ۾ جاڳيو هوندو جيئن دادا هري دلگير جي اندر جاڳيو آهي. هن موڙ تي نہ رڳو صنفون پر سوچ بہ سرحدون اورانگهي اهڙي جڳهہ تي پهچي ٿي جتي خوشبوءِ صرف خوشبوءِ جي نالي سڃاڻي ٿي. ان خوشبوءِ لاءِ ڪابہ سرحد اجائي آهي. ان ڪري اُن تي ڪوبہ ليبل هڻڻ ادبي اَحمقپڻي کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.

ٻاڻهي پوُنر نہ آيو هوندو
هير پيغام کڻي وئي هوندي
ڪيس مکڙي ئي سڏايو هوندو
ٻاڻهي پوُنر نہ آيو هوندو

مرڪي ڪنهن ڪيس لُڀايو هوندو
ڪا نَظر نيند ٻڻي پئي هوندي
ٻاڻهي پوُنر نہ آيو هوندو
هير پيغام کڻي وئي هوندي.

هنن خوبصورت، موهيندڙ ترائيلن ۾/ننڍڙن ننڍڙن نظمن ۾ اڻ ڳڻيا احساس سنڌي شاعريءَ جي جهول ۾ وجهي ويندڙ هن سنڌي ترائيل

رکيل مورائي (ڪراچي)

ياد ٿو اَچيم تہ اِندور ۾ جڏهن پنهنجن دوستن سان گڏ هوندي بہ ڪجھ ڪلاڪ پنهنجي ويس ۾ اُهي ڪلاڪ دادا ڪرشن کتواڻيءَ جي چانو ۾ گذاريا هُئم، تہ ٻڌايو هئائين تہ اوهان (لکمي کلاڻي) ڪجھ ڏينهن اڳ هن وٽ هڪ بہ راتيون گذاري آيا هئا، شايد رچنا جي 'ڪرشن کتواڻي' انڪ جي مواد لاءِ توهان اِندور ويا هئا.

مان جيڪي ڪلاڪ ساڻس ويٺو هوس انهن ۾ دادا ڪرشن کتواڻيءَ، سچ تہ ڪيترين ڳالهين ڪيون هُيون، منهنجي ساڻس ملاقات تہ پهرين هئي پر ساڻس لکپڙه گهڻي عرصي کان هئي. مان سنڌ مان ڪجھ ڪتاب بہ کيس ڏيڻ لاءِ کڻي ويو هوس، اُهي جڏهن ڏنا هئامانس ڏاڍو خوش ٿيو. اُن وقت تہ اهو اندازو بہ ڪونہ هوم تہ، هو وڇڻ جي تياري ڪري رهيا آهن، پاڻ ايندڙ وقت جا ڪيترائي پروگرام ٻڌايا هئائون، جن مان هڪ اوهانجو ايندڙ 'رچنا' جو پرچو بہ هئو، جيڪي سندس نالي منسوب ڪيو ويو هئو. اڄ جڏهن انهن ڳالهين بابت اڪيلائيءَ ۾ ويچاري رهيو آهيان تہ چئو، ائين ٿو لڳي، جيئن هو پنهنجو وصيعت نامو ٻڌائيندو هجي، پر اهو احساس اُن وقت تہ بلڪل ئي نہ ٿيو. اڄ جڏهن هو اسان وٽ نہ رهيو آهي سندس ڏنل سڀ ڪتاب ڏسي اهو ويسهہ ئي نٿو اَچي تہ هو اسان وٽ نہ آهي، سندس ڪجھ عڪس تہ مون پنهنجي ڪئميرا ۾ بہ محفوظ ڪري ورتا هئا، سياڻي جڏهن اسان بہ هليا ويندا سين تہ پويان ٻيا ڪي ائين ئي چوندا ۽ سوچيندا، جيئن اڄ اسان سوچيون ٿا.

دادا ڪرشن کتواڻيءَ جو وڇوڙو سچ تہ اَسان سڀني لاءِ ڏکوئيندڙ آهي،هند توڙي سنڌ ۾ اهو ڏک هڪجھڙو محسوس ڪيو ويو آهي، مُنهنجي تہ اکين ۾ اڃا تائين سندس معصوم چهرو ڦري رهيو آهي. هونئن هو سنڌي ڪهاڻي ۽ ناول جو اهڙو رچيندڙ آهي، جنهن کي هند توڙي سنڌ جي سنڌي ادب ۾ هڪ الڳ خاص جاءِ رهندي، اَهڙو مونکي

ڊاڪٽر ايس. ڪي. پُنشي (اَمراوتي)

رچنا (آڪٽوبر - ڊسمبر ٢٠٠٧) موهن گيهاڻي انڪ آهي. موهن گيهاڻي سنڌيءَ جو ڄاتل سڃاتل ليکڪ، ڪويءَ سنو ساهتڪار آهي. مون کي سندس پستڪ 'منهنجو گهر کهڙو' (ڪوتا سنگره) ممبئيءَ مان شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ موڪليو هيو ۽ مون کيس اُن تي تبصرو بہ لکي موڪليو هو. کيس جي. ايم. سيد اَوارڊ بہ لنڊن ۾ مليو هو. توهان جو ليک رام ٻکشاڻيءَ جي آتم ڪٿا 'آڪيرا آڪاس ۾' ڏاڍو سنو لکيل آهي. مون کي سندس ماتا صاحب ايشوري ٻائيءَ جو ساهس ۽ همٿ، دليري، دوانديشي، محنت، لگن جو وڏو يوگدان لڳيو. کيس پرڻام ۽ سلام. برابر کيس شينهن جو جگر هوندو. ڪک مان کيس لکپتي ٻڻائي ڇڏيائين.

توهان جو ايڊيٽوريل 'ڪوهہ جا ڏيڏر' ڏاڍو سنو آهي. ڊاڪٽر عبدل ڪلام جو گفتو 'منهنجي لاءِ سال جا ٣٦٥ ڏينهن انهن جا سڀ ڪلاڪ، منٽ، سيڪنڊ، شڀ ئي شڀ آهن. ايشوري سرشٽيءَ ۾ ڪا اَشڀ گهڙي ٿيندي ئي ڪانهي.' ..... آفرين ۽ واڌايون. توهان جا ايڊيٽوريل Thought Provoking هوندا آهن.

اَمل آهوجا (نئين دهلي)

اَدل، رچنا سال - ٢٠ انڪ ٧ پڙهڻ جو موقعو مليو. مخزن ننڍي آهي، پر ڪافي متاثر ڪندڙ آهي. مذڪور انڪ ۾ سمپادڪي ليک تہ رچنا جو نڪ آهي. غضب جو سچ لکيو اَٿو. ڪندا اَعتبار مون ٻي پيرا اهو ليک پڙهيو آهي ۽ خبر ناهي تہ اڃا گهڻا پيرا پڙهندس. ان کي ور ور پڙهڻ تي دل پيئي ٿيندي. هونءَ بہ چوندا آهن تہ ليک اهو جو ڪجهہ سوچڻ لاءِ مجبور ڪري - پر هن ليک تہ مونکي گهڻو ڪجهہ لکڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. اڄ جو دؤر اَلائي ڇا ڇا ٿو ڪرائي، هرڪو ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪونہ ڪو ڪرتب ڪري ٿو. مٺين مٺين مبارڪون قبول ڪندا!!

تڏي رات تڪ پڇي، ڏکڻ کولي واءُ،
هير هٿان هرهنڌ، اچي پيو پرلاءُ،
ڳائن وينا شاهه، ماڻهو منهنجي ملڪ جا.

ڪرشن راهي



Sahit ain Kala Ji RACHNA
Registered with Registrar of Newspapers for India Registration No.GUJSIN / 2006 / 16540